Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | جمع 08 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 23 جمادي الاول 1445هه | شمارو:58 | قيمت10 روپيا

غير قانوني پرڏيهي ملڪي سلامتي ۽ معيشت کي بري طرح متاثر ڪري رهيا آهن: آرمي چيف

قوم کي فوج جي ڪارڪردگي تي فخر آهي، پاڪ فوج وطن جي حفاظت جو فرض رت جي آخري ڦڙي تائين ادا ڪندي رهندي

غير قانوني پرڏيهين جي واپسي جو فيصلو حڪومت ملڪي مفاد ۾ ڪيو، اهي ملڪي سلامتي ۽ معيشت کي بري طرح متاثر ڪري رهيا آهن

آرمي چيف کي غير قانوني پرڏيهين جي واپسي سميت نون ضم ٿيل ضلعن ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني وئي

آرمي چيف دهشتگردي خلاف مختلف ڪارروائين ۾ بهادري جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان به ملاقات ڪئي ۽ انهن جي بي مثال ڪارڪردگي کي ساراهيو

چيف جنرل عاصم منير پشاور جو دورو ڪيو، جتي ڪور ڪمانڊر پشاور سندس آجيان ڪئي: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي(م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي ملڪي سلامتي ۽ معيشت کي بري طرح متاثر ڪري رهيا آهن، اهڙن غير قانوني سان باعزت طريقي سان واپس موڪليو پيو وڃي، آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير پشاور جو دورو ڪيو جتي ڪور ڪمانڊر پشاور سندس آجيان ڪئي. آءِ ايس پي آر پڌايو ته آرمي چيف دهشتگردي خلاف مختلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پنجاب اسيمبلي جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر واثق قيوم عباسي پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) پنجاب اسيمبلي جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر واثق قيوم عباسي پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، واثق قيوم عباسي پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته مان سياست ۽ پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان ڪريان ٿو. منهنجي سياسي ڪيريئر جو مقصد عوام جي خدمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گيٽ نمبر 4 جي سياست ناهي ايندي، رڳو عوام تي يقين رکان ٿو: بلاول ڀٽو زرداري

هڪ طرف سياست ورهاڱي جو شڪار آهي ته ٻئي طرف معاشي حالتون خراب ٿي رهيون آهن، پراڻا سياستدان اڄ به پراڻي ۽ انا جي سياست ڪري رهيا آهن، اسان جو ڪنهن به سياستدان سان مقابلو ناهي

پيپلز پارٽي جو غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائي سان مقابلو آهي، پيپلز پارٽي ماضي ۾ به عوام کي مصيبت مان ڪڍيو، هاڻ به ڪڍندي

اسان کي گار گند ۽ ٽڪ ٽاڪ واري سياست نٿي اچي، اسان کي گيٽ نمبر 4 جي سياست به نٿي اچي، مان رڳو عوام ڏانهن ڏسندو آهيان

منهنجو ملڪ مصيبت ۾ آهي، اچو منهنجو ساٿ ڏيو، ملڪ جي تقدير بدلائي سگهون ٿا، مون سمورن سياستدانن کي ويجهي کان ڏٺو آهي

بلاول پنهنجا ڪيسا نه پر عوام جا ڪيسا ڀريندو، اسان عوام جي ايڏي خدمت ڪئي آهي جو مخالف به پريشان آهن

هنن وٽ رڳو پراڻي سياست آهي جيڪا انتقام جي سياست آهي، اهڙي سياست کي دفنائڻو پوندو: شانگلا ۾ جلسي کي خطاب

شانگلا(م ڊ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان کي گيٽ نمبر 4 جي سياست نٿي اچي، مان ڪنهن ٻئي پاسي ڏسڻ بدران عوام تي ڀروسو ڪيان ٿو.شانگلا ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هڪ طرف سياست ورهاڱي جو شڪار آهي ته ٻئي طرف معاشي حالتون خراب ٿي رهيون آهن، پراڻا سياستدان اڄ به پراڻي ۽ انا جي سياست ڪري رهيا آهن، اسان جو ڪنهن به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شانگلا: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

آصف علي زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ بلوچستان جو اڳوڻو وڏو وزير عبدالقدوس بزنجو پ پ ۾ شامل

آصف زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ عبدالقدوس بزنجو، سيد نظام الدين، سيد حميد، نصير احمد بزنجو، مير عبدالوهاب بزنجو ۽ ٻيا پ پ ۾ شامل ٿي ويا

آصف زرداري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ بلوچستان جي سياسي شخصيتن جو استقبال ڪيو

آصف زرداري سان ملاقات ۾ اهم سياسي شخصيتن جي شرڪت جي موقعي تي علي حسن زهري به موجود هو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرنز جي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو پ پ ۾ شامل ٿي ويو. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ بلوچستان حڪومت جو اڳوڻو وزير سڪندر عمراڻي به پ پ ۾ شامل ٿي ويو. آصف زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

لاهور: آصف علي زرداري سان بلوچستان جو اڳوڻو وڏو وزير عبدالقدوس بزنجو ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ اڳواڻ دوست محمد مزاري ن ليگ ۾ شامل

اسان کي يقين آهي ته ايندڙ حڪومت ن ليگ ٺاهڻ وڃي پئي، تحريڪ انصاف هاڻي گوهر خان جي جماعت آهي: راڻا ثناءُ الله

هر تڪ مان 6 کان 8 درخواستون آيون آهن، اڄ اسان جهنگ ضلعي کي مڪمل ڪري ورتو هر تڪ تان هڪ ئي اميدوار اليڪشن ۾ حصو وٺندو

ڪجهه ماڻهن طرفان باضابطه طور تي ن ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو پيو وڃي، انٽرويوز مڪمل ٿيندي ئي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ پنجاب اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر رهندڙ دوست محمد مزاري ن ليگ ۾ شامل ٿي ويو، ليگ پنجاب جي صدر راڻا ثناءُ الله ساڌل ٽائون لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو ته دوست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ اڳواڻ دوست محمد مزاري

ڪامريڊ مرڪ جان ڪيس: سيف جتوئي ضمانت لاءِ عدالت پهتو

سيف جتوئي گرفتاري کان اڳ واري ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

جسقم ڪامريڊ مرڪ جان ڪيس ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ تي 8 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (رپورٽر) ڪامريڊ مرڪ جان پيرزادو ڪيس ۾ سيف جتوئي ضمانت لاءِ عدالت پهتو آهي.سيف جتوئي گرفتاري کان اڳ واري ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي، ڌرين کي سيائي پيش ٿيڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا آهنجسقم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لطيف کوسا ۽ بشريٰ بي بي جي ليڪ ٿيل آڊيو جي فارنزڪ جو حڪم

پيمرا ٻڌائي ماڻهن جي نجي گفتگو ٽي وي چينلز تي ڪيئن نشر ٿي رهي آهي؟ : جسٽس بابر ستار

الڳ درخواست داخل ڪريو، ڊار ڊار درخواست ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ : لطيف کوسا

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ايف آءِ اي کي سينيئر وڪيل لطيف کوسا ۽ پي ٽي آءِ باني جي گهرواري بشريٰ بي بي جي ليڪ ٿيل آڊيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اليڪشن ۾ حصو وٺڻ چاهيان ٿو: عمران خان پنهنجي نااهلي چيلينج ڪري ڇڏي

تحريڪ انصاف جي اڳوڻي چيئرمين طرفان بيرسٽر گوهر خان ۽ علي ظفر لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي

درخواست ۾ موقف پيش ڪيو ويو ته اليڪشن ڪميشن 8 آگسٽ 2023 ع تي 5 سالن لاءِ اسيمبلي ميمبر طور نااهل ڪيو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل، پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين موقف اختيار ڪيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪمن تي اليڪشن جي تاريخ جو اعلان ٿي چڪو آهي، اليڪشن ۾ حصو وٺڻ چاهيان ٿوتحريڪ انصاف جي اڳوڻي چيئرمين طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بدمعاشي نه هلندي، عزت ڏيندئو ته عزت ڪنداسين: مرتضيٰ وهاب

اجلاس شروع ٿيندي ئي احتجاج شروع ڪيو ويو، اجلاس ان ڪري ختم ڪيو ويو ته اڳتي سني انداز ۾ اجلاس ڪيون

گڏريل ڏينهن به چيو هو ته اسان سيني کي گڏ ڪٺي هلڻ چاهيون ٿا، اڳ ۾ شهر ۾ ڪو بيو بدمعاشي ڪندو هو، هاڻ ڪو بيو ڪندو آهي

ميئر جي ڪرسي تي چاڪنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪو غير مناسب رويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته اسان کي رڙيون ڪرڻ جو شوق ناهي، عزت ڏيندئو ته عزت ڪنداسين. پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

واڏو بل اسڪينڊل جي جاچ لاءِ توانائي واري وزارت ڪميٽي جوڙي

اسلام آباد (م ڊ) توانائي واري وزارت بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين طرفان صارفين کان واڌو بل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نواز ليگ نين تڪ بندين خلاف عدالت وڃڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

مان پنهنجي تڪ جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن ويس پر منهنجي ڳالهه نه ٻڌي وئي : خواجه سعد رفيق

ليول پلئينگ فيلڊ جو طعنو عجيب آهي، اِيا تڪبندين جا مسئلا هلي رهيا آهن، ن ليگ نين تڪبندين مان ڪنهن به صورت ۾ مطمئن نه آهي

نين تڪبندين ۾ منهنجو ۽ شهباز شريف جو تڪ متاثر ٿيو آهي، نين تڪبندين کي چيلينج ڪرڻ لاءِ عدالت وڃون پيا

لاهور (م ڊ) ن ليگ نين تڪ بندين خلاف عدالت وڃڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو، اڳوڻي وفاقي وزير خواجه سعد رفيق چيو آهي ته ن ليگ نين تڪبندين مان مطمئن ناهي، مان پنهنجي تڪ جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن ويس پر منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ذوالفقار ڀٽو جي ڦاهي خلاف صدارتي ريفرنس ٻڌڻي لاءِ مقرر

سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني لارجر بينچ صدارتي ريفرنس تي 12 ڊسمبر تي ٻڌڻي ڪندي

چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ لارجر بينچ جي سربراهي ڪندو

لارجر بينچ ۾ جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ ٻيا شامل

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ پ پ جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي جي فيصلي خلاف صدارتي ريفرنس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني لارجر بينچ صدارتي ريفرنس تي 12 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو چيئرپرسن تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مولانا سان جين ميريٽ جي ملاقات، علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد(م ڊ) برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ، پوليٽيڪل سيڪريٽري سام فليچر جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان جي گهر پهتي، ميڊيا سيل جي يو آءِ پاڪستان طرفان جاري ڪيل بيان چيو ويو آهي ته ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي بحث سميت افغانستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسان جو به حق آ ته مولانا فضل الرحمان صدر بڻجي: عبدالغفور

2018 جي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ کي کٽرائڻ لاءِ قمر جاويد باجوا وڏو زور لڳايو

18 هين ترميم سان ڪو هٿ چراند ڪندو ته ان جو ساٿ نه ڏينداسين

اسلام آباد(م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سيڪريٽري جنرل عبدالغفوري حيدري چيو آهي ته اسان ڪنهن کي وزيراعظم ۽ ڪنهن کي صدر بڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جنرل باجوا عدالت وڃي ٻڌائي ته پي ٽي آءِ باني کي ڪيئن آندو ويو: جاويد لطيف

هڪ شخص چئي ٿو ته سائفر ڪيس ۾ جنرل (ر) باجوا ۽ آمريڪي نمائندي کي گهرائينداس

مان سمجهان ٿو ته اهو تمام سٺو موقعو آهي ته جنرل باجوا عدالت وڃي

هو قوم کي ٻڌائي ته ڪيئن مانيٽرنگ جج ويهاري نواز شريف کي سزا ڏياري وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ن ليگ اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي ته هي ڏاڍو سٺو موقعو آهي ته جنرل باجوا عدالت ۾ وڃي ٻڌائي ته عمران خان کي ڪيئن آندو ويو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي جاويد لطيف چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

تعليمي ادارن ۾ سياري جي موڪلن جو اعلان ٿي ويو

وفاق جي نگراني هيٺ سمورا اسڪول ۽ ڪاليج 25 کان 29 ڊسمبر تائين بند رهندا

وفاق ۾ تعليمي سرگرميون پهرين جنوري کان بحال ٿينديون : نوٽيفڪيشن

اسلام آباد(م ڊ) وفاق جي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ سياري جي موڪلن جو اعلان ٿي ويو وفاق جي نگراني هيٺ سمورا اسڪول ۽ ڪاليج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪاري موري جو چٽڻ ڪروڙن ۾ اڏيل سليب وري ٽٽي پيو

جوهي / دادو / واهي پانڌي (نمائندن وٽان) جوهي برانچ تي قائم ڪاري موري جو جوڙيل سليب چارڪلاڪ پاڻي جي دٻ به برداشت نه سهي سگهيو، چار ڪروڙ لڳهي ويا 2022 ع جي سها ٻوڏ جي دوران ٽٽل ڪاري موري کي ٻوڏ جي چڱن مهينن بعد ڪروڙين روپين جي لاڳت سان خاص فنڊ جي تعلقي کي اين شاهه جي يوسي ملر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: صدر عارف علوي سيشن دوران ڳالهائي رهيو آهي

ڊي آءِ جي حيدرآباد جي صدارت هيٺ دادو ۾ امن امان بابت اجلاس منعقد

ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سميت ڊي ايس پيز ۽ ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ پڻ پوليس پاران اهم پيش رفت ڪئي ويندي : طارق رزاق ڌاريجو

ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو اجلاس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي

دادو (رپورٽر) دادو ۾ امن و امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ايس ايس پي آفيس دادو ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس (ڊي آءِ جي) حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو جي صدارت ۾ اهم اجلاس ٿيو ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سميت ڊي ايس پيز ۽ ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ دادو جي ڪچي ۽ ڪاڇي جي علائقن سميت ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ امن و امان جي صورتحال کي يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس جي جوانن کي ڊي آءِ جي پاران خاص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ جا اعتراض رد، حڪومت پاران گريٽر ٿل ڪئنال 2 منصوبو ايڪنڪ مان منظور ڪرائڻ جون تياريون

گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري نيشنل اڪنامڪس ڪائونسل ايڪنڪ جي اجلاس مان وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو

گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 منصوبي جي منظوري وارو معاملو لاڳاپيل فورم يعني سي سي آءِ ڏانهن اماڻڻ واري فيصلي کي به نظرانداز ڪري ڇڏيو

گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري نيشنل اڪنامڪس ڪائونسل ايڪنڪ جي ايجنڊا ۾ شامل ڪئي وئي

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي حڪومت پاران تڪراري گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منصوبي جي منظوري جون تياريون ڪيون ويون آهن. گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري نيشنل اڪنامڪس ڪائونسل ايڪنڪ جي ايجنڊا ۾ شامل ڪئي وئي آهي، ايڪنڪ جو اجلاس 11 ڊسمبر تي طلب ڪيو ويو آهي.گران وفاقي حڪومت، سنڌ صوبي جي اعتراضن کي رد ڪندي اڳوڻي پي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

8 فيبروري تي شفاف چونڊون ڪرايون وينديون: چيف اليڪشن ڪمشنر

اليڪشن ڪميشن ايندڙ عام چونڊن جي تيارين ۾ مصروف آهي : سڪندر سلطان راجا

حتمي چونڊ فهرست جي پرنٽنگ ۽ ورهاست جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو آهي ته چونڊ شيڊول ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ جاري ڪيو ويندو ووٽرز ڏهاڙي جي حوالي سان جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ هاءِ ڪورٽ گهرو وزارت کي گم ٿيل شهرين جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

9 سالن کان گم ٿيل پٽ جي بازياب نه ٿيڻ تي بزرگ شهري وهيل چيئر تي عدالت پهچي ويو

موسيٰ بن سجاد 9 سالن کان گم آهي، پٽ کي نتا ڇڏي سگهو ته سموري گهر کي ڦاهي تي لٽڪائي ڇڏيو: والد

اسان جي گهر پٽ جي وڃڻ کان پوءِ قيامت جو منظر آهي، 24 ڪلاڪن ۾ هڪ پيرو به ڪاڏو ڪائڻ لاءِ نٿو ملي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 9 سالن کان گم ٿي ويل پٽ جي بازياب نه ٿيڻ سنڌ جي گهرو وزارت کي معاوضو ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي، جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جسٽس باقر پاران عرشي منزل جي متاثرن کي رهائش فراهم ڪرڻ جي خاطري

واقعو آفيسرن جي نااهلي، مڪمل ناڪامي ۽ مجرماڻي غفلت جو نتيجو آهي : نگران وڏو وزير

خانگي عمارتن جي سيفٽي ۽ سيڪيورٽي آڊٽ جا حڪم اڳ ئي جاري ڪيا هئا

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته عائشه منزل جي 6 ماڙ ڪمرشل ۽ رهائشي عمارت عرشي منزل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايس ايس پي سکر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ 50 لک روپيه انعام رکڻ جي سفارش ڪري ڇڏي

شيرو مهرو جي گرفتاري لاءِ سکر ۽ شڪارپور جي ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيو ويو آهي : ايس ايس پي عرفان سمون

صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پوليس جو شاهه بيلي ۾ آپريشن جاري آهي

شاهه بيلي جي ڪچي ۾ ڪارروائي دوران جوابدارن پوليس تي راڪيٽ فائر ڪيا

سکر (رپورٽر) ايس ايس پي سکر آءِ جي سنڌ کان شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتل شيرو مهر جي گرفتاري لاءِ 50 لک روپيه انعام رکڻ جي سفارش ڪري ڇڏي.ايس ايس پي عرفان علي سمون چيو ته شيرو مهرو جي گرفتاري لاءِ سکر ۽ شڪارپور جي ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيو ويو آهي. صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پوليس جو شاهه بيلي ۾ آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

رياست مخالف نعرا هڻندڙ 8 ڄڻا گرفتار

جوابدارن کي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن خلاف آرٽلري ميدان ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ رياست مخالف نعرا هڻڻ تي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آن حوالي سان ڊي آءِ جي ڊاڪٽر اسد رضا جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

آن لائن جنسي هراساني ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) اسلام آباد ۽ راولپنڊي مان آن لائن جنسي هراساني ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن ۾ محمد عمر، محمد جاويد ۽ جبران خان شامل آهن، جوابدارن کي راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي مختلف علائقن مان گرفتار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سکر: شهيد صحافي جان محمد مهر (فائيل فوٽو)

ڪراچي: شاپنگ مال ۾ باهه، فوتين جو انگ 5 ٿي ويو

لاش شاپنگ مال جي پهرين منزل تان مليو، جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي متاثر عمارت کي سيل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ عائشه منزل پرسان باهه لڳل رهائشي عمارت مان هڪ بيو لاش ڪڍيو ويو، واقعي ۾ فوتين جو انگ وڌي 5 ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ قانون رڳو پئسو بڻجي ويو آهي: خالد مقبول

بلڊنگ ڪوڊ ۽ قانون تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي

جنگل ۾ به قانون هوندو آهي، هتي قانون رڳو پئسو بڻجي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر)متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي ڪنوينر ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ انتهاپسندي حد تائين پهچي چڪي آهي. هتي قانون رڳو پئسو بڻجي ويو آهي، ڪراچي ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي

پيپلز پارٽي جي ذهنيت ڪراچي مخالف آهي: حافظ نعيم الرحمان

پيپلز پارٽي حلقن ۾ هلي رهي آهي، نگرانن کان اميدون هيون پر هنن ڪجهه ناهي ڪيو

فنڊن جي منتقلي تي ڪنهن به اداري طرفان ڪم ناهي ڪيو پيو وڃي : ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته پيپلز پارٽي جو ذهنيت ڪراچي مخالف آهي، يونين ڪائونسلن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪجهه ناهي ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نيب اختيارن جي غلط استعمال کي روڪي: قبلا اياز

نيب مالي ڪرپشن سميت اختيارن جو غلط استعمال بند ڪري :اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي چيئرمين

اقتدار جو غلط استعمال مالي ڪرپشن کان به وڏي ڪرپشن آهي: ڳالهيون

معاشي عدم استحڪام سبب قومون خراب ٿينديون آهن : پشاور ۾ تقريب کي خطاب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي چيئرمين ڊاڪٽر قبلا اياز چيو آهي ته نيب مالي ڪرپشن سميت اختيارن جو غلط استعمال بند ڪري، پشاور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر قبلا اياز چيو ته اقتدار جو غلط /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: وفاقي وزير ڊاڪٽر گوهر اعجاز انڊسٽريل ايڊوائيزري ڪائونسل تقريب ۾ ويٺل آهي

افغانستان مان 23 تنظيمون پاڪستان سميت 53 ملڪن ۾ دهشتگردي ڪنديون آهن: سيڪيورٽي ذريعا

افغانستان مان دهشتگردي جو نشانو بڻجندڙن ۾ پاڪستان پهرين نمبر تي آهي

پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي، جماعت الاحرار ۽ بلوچ دهشتگرد تنظيمون پهرين نمبر تي آهن

تحريڪ اسلامي ترڪمانستان چين، آءِ ايم يو ازبڪستان کي نشانو بڻائينديون آهن : سيڪيورٽي ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته افغانستان مان 23 دهشتگرد تنظيمون پاڪستان سميت 53 لکن ۾ دهشتگردي پکيڙي رهيون آهن. سيڪيورٽي ذريعن موجب افغانستان مان دهشتگردي جو نشانو بڻجندڙن ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

”پاڻ مقرر اگهه تي وڪرو ڪريو“ اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه پاران مختلف گودامن تي ڇاپا، 2 گودام سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه ردا زهرا ٽالپر من پسند اگهه تحت پاڻ وڪرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو

اي سي 4 گودامن تي ڇاپا هڻي 2 گودامن کي سيل ڪري ڇڏيو، پاڻ جون 4 سئو ٻورين مقرر قيمت تحت آبادگارن ۾ وڪرو

اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته هتان جي حقيقي آبادگارن کي مقرر اگهن تي پاڻ ملي سگهي : اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه

گهوٽڪي(ڊ ر) ”پاڻ مقرر اگهه تي وڪرو ڪريو“ اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه پاران مختلف گودامن تي ڇاپا، 2 گودام سيل ڪري ڇڏيا. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه ردا زهرا ٽالپر من پسند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهوٽڪي : اي سي خانڳڙهه ڇاپن دوران رڪارڊ چيڪ ڪري رهي آهي

سول اسپتال نوشهرو فيروز جي اسپتال ۾ علاج هلندڙ آهي ڊائلاسز سينٽر ۾ مريضن کي مفت علاج ڪريون ٿا : ڊاڪٽر خادم علي مگريو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)سول اسپتال نوشهرو فيروز جي اسپتال ۾ علاج هلندڙ آهي ڊائلاسز سينٽر ۾ مريضن کي مفت علاج ڪريون ٿا جيڪا خدمت جاري رکندس،اهڙن خيالن جو اظهار اسپتال جي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڪيو. هن چيو ته آئون اڄ سوشل ميڊيا تي پڙهيم ته ڊائلاسز سينٽر بند ٿي ويو آهي مشينون بند ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪينجهر جي حدن ۾ چوپائي مال جي چورين ۾ اوچتو حد کان وڌيڪ اضافو

ڪينجهر، هيلايا ۽ ان جي آسپاس چوپائي مال جي چورين ۾ اضافو ٿي ويو آهي : رهواسي

چورن 2 هفتن دوران مينهن، ڳئون، ٻڪرين سميت 25 کان وڌيڪ ڍور چوري ڪري ويا آهن

ٺٽو(ڊ ر) پوليس اسٽيشن ڪينجهر جي حدن ۾ چوپائي مال جي چورين ۾ اوچتو حد کان وڌيڪ اضافو ٿيڻ ڪري پاڳيا ڪنگال ٿي راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور بڻيل، پوليس خاموش تماشائي بڻيل. ان سلسلي ۾ مقامي رهواسي پاڳيئن منور علي ترڪ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪينجهر، هيلايا ۽ ان جي آسپاس چوپائي مال جي چورين ۾ اضافو ٿي ويو آهي. چورن 2 هفتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

اوباوڙو پرسان ڳوٺ ماڪرو چاچڙ مان چوري، رهواسين پاران احتجاج

پوليس اهلڪار گهر جو گيٽ ٽوڙي هڪ ٻڪر ، ٻڪريون ۽ روڪ هڪ لک روپيو کڻي ويا

ڳوٺ ماڪريو جا رهواسي، شهباز، الهڏايو، نبي بخش، حقنواز چاچڙ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار خير محمد چاچڙ خلاف ڪارروائي ڪري پئسا ۽ ٻڪريون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن : مظاهرين

اوباوڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوباوڙو پرسان ڳوٺ ماڪرو چاچڙ مان چار پوليس اهلڪار گهر جو گيٽ ٽوڙي هڪ ٻڪر ، ٻڪريون ۽ روڪ هڪ لک روپيو کڻي ويا جيڪو انهن ٽائين واپس ناهي ملي سگهيو. جن خلاف ڳوٺ ماڪريو جا رهواسي، شهباز، الهڏايو، نبي بخش، حقنواز چاچڙ ۽ عورتون سراپا احتجاج بڻيل آهن. هنن ميڊيا اڳيان داهنيدي ٻڌايو ته اسان جو برادري سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اوباوڙو : ڳوٺاڻا ٻالٽر پوليس اهلڪار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو : تعليم کاتي سنڌ هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪري نظام الدين ڪڍائي کي DEOپرائمري مقرر ڪري ڇڏيو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) تعليم کاتي سنڌ پاران هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ٺٽي جي رهواسي نظام الدين ڪڍائي کي DEOپرائمري ضلع ٺٽو مقرر ڪري ڇڏيو، جنهن چارج وٺي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. ٺٽي جي رهواسين نظام الدين ڪڍائي کي ڊي اي او ايجوڪيشن ٺٽو مقرر ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي : آشا منزل ۾ لڳل باهه تي مڪمل ڪنٽرول، فوٽين جو انگ وڌي پنج تي ويو

باهه لڳڻ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان، متاثرين پاران نقصان پورو ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ميئر ڪراچي توڙي گورنر سميت سياسي سماجي اڳواڻن پاران واقعي تي افسوس جو اظهار

فائربرگيڊ جون گاڏيون موجود آهن پر وقت تي نه پهچڻ ڪري ايڏو وڏو نقصان ٿيو آهي : متاثر

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر ڀهڻوار) ڪراچي آشا منزل جي عرشي مارڪيٽ ۾ لڳل باهه تي مڪمل ڪنٽرول ڪيو ويو وڌيڪ هڪ لاش ٻيو هٿ فوٽين جو انگ وڌي پنج ٿي ويو. ڪروڙين روپين جو نقصان، متاثرين پاران نقصان پورو ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو، ميئر ڪراچي توڙي گورنر سميت سياسي سماجي اڳواڻن پاران واقعي تي افسوس جو اظهار. بلڊنگ کي سيل ڪري ڇڏيو مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪيڏڻ پرسان 29 سال گذرڻ باوجود سرڪاري اسڪول کي عمارت نه ملي سگهي

اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙا جهوپڙي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور، تعليم کاتي جا ذميوار اگهور ننڊ ۾ ستل

اسان عمارت لاءِ ڊي او آفيس جا چڪر هڻي هڻي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪير اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي : رهواسي

اسڪول ۾ 100 ٻار داخل آهن فرنيچر جي کوٽ هئڻ ڪري ڪيترا ٻار داخل نه ٿي سگهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

ڪيڏڻ(رپورٽ محرم علي ملاح) ڪيڏڻ پرسان ڳوٺ محمد صادق ٻجير جي پرائمري اسڪول محمد صادق ٻجير کي 29 سال گذرڻ باوجود سرڪار پاران عمارت نه ملي سگهي، اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙا جهوپڙي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17


ڪيڏڻ : اسڪول جي عمارت نه هجڻ سبب ٻار وڻ هيٺان ويٺل آهن

سکر : مرحوم حاجي انور خان مهر جي فرزند ويرم خان مهر پاران تعزيتون

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) مرحوم حاجي انور خان مهر جي فرزند ويرم خان مهر پاران ڳوٺ لاٽي ماڪا ڀيچي ماڪا ڳوٺ جي معزز شخصيت محمد بچل ماڪو ۽ سماجي اڳواڻ خالد وحيد ماڪو مير مختيار احمد ماڪو فهد علي ماڪو اعجاز نواز ماڪو سينيئر صحافي اورنگزيب ماڪو تيمور ماڪو سمير نواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

تعليم صحت ۽ سيڪيورٽي پهرين ترجيح آهن : ڪمشنر حيدرآباد

ضلعي ۾ بند پيل سمورا آر او ۽ فلٽر پلانٽ آپريشنل هجڻ گهرجن هن چيو ته جنرل اليڪشن جون تياريون مڪمل آهن

پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ روڪڻ ۽ پاڻ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ پوري حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪارروايون جاري آهن

پاڻ جي کوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جو وڏو ڪارڻ پاڻ جا گهوسٽ ڊيلر آهن، نشاندهي ڪري انهن خلاف قانوني قدم کنيا ويندا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد سيد خالد حيدر شاهه هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهتو ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد سيد خالد حيدر شاهه دربار هال بدين ۾ سمورن کاتن جي آفيسرن سان گڏجاڻي جي صدارت ڪندي چيو ته تعليم صحت ۽ سيڪيورٽي پهرين ترجيح آهن سمورا کاتا مليل ٽارگيٽ وقت تي مڪمل ڪن. هن بند پيل آر او ۽ فلٽر پلانٽس جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ ڊي سي سجاول پاران سرڪاري اسپتال ۽ بوائز، گرلز هائير سيڪنڊري اسڪولن جو هنگامي دورو

بوائز اسڪول جي استاد پاران ائين ڪلاس جي شاگرد تي مبينا تشدد واري واقعي بعد ڊي سي جي شاگرد جي گهر اچي عيادت

ڊي سي سجاول پاران گرلز ۽ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪولن جا مسئلا فوري طور تي حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور بٺورو کان علاوه غياث ميمڻ، اڪبر عيساڻي، حاجي خان عباسي، اقبال سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ ڊي سي سجاول پاران سرڪاري اسپتال ۽ بوائز/ گرلز هاير سيڪنڊري اسڪولن جو هنگامي دورو، بوائز اسڪول جي استاد پاران ائين ڪلاس جي شاگرد تي مبينا تشدد واري واقعي بعد ڊي سي جي شاگرد جي گهر اچي عيادت. تفصيل معلوم ڪيا، انصاف جي خاطري. تفصيل موجب دڙو ۾ ڊپٽي ڪمشنر سجاول عبدالواجد شيخ پاران بوائز ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دڙو : ڊپٽي ڪمشنر سجاول اسڪولن جا دورا ڪري رهيو آهي

بدين ۾ شهري کي ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻه سال قيد جي سزا جو حڪم

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ گولاڙچي ايٽ بدين عرفان علي جي عدالت ڪاروباري ڏيتي ليتي دوران 24 لک رپين جو بينڪ جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ واري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار راول ڪلهوڙو کي 2 سال قيد ۽ 45 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا جو حڪم ڏنو آهي ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

انڊونيشيا ۽ پاڪستان جا سدا بهار لاڳاپا آهن : قونصليٽ جنرل

ٻنهي مسلمان ڀائر ملڪن جي وچ ۾ آزادي جي وقت کان وٺي دوستاڻا تعلقات آهن

ٻنهي ملڪن کي آزادي کان وٺي هن مهل تائين مختلف چيلينجز جو سامنو آهي

اسلامي ملڪ سان جمهوري، ثقافت ۽ سياحت سميت ٻين مختلف شعبن جي پروگرامن کي ٻه هٽي ڏيڻ چاهيون ٿا

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) انڊونيشيا جي قونصليٽ جنرل مسٽر جون ڪنڪورو پاران سکر پريس ڪلب جو دورو ڪري ميٽ دي پريس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته انڊونيشيا ۽ پاڪستان جا سدا بهار لاڳاپا آهن ٻنهي مسلمان ڀائر ملڪن جي وچ ۾ آزادي جي وقت کان وٺي دوستاڻا تعلقات آهن ٻنهي ملڪن کي آزادي کان وٺي هن مهل تائين مختلف چيلينجز جو سامنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شڪارپور ۾ وفاقي محتسب جي هدايتن تي ٻڌڻي

33 درخواستن مان 28 درخواستن تي فيصلا ڪيا ويا

متاثرن جي شڪايتن جو جلد کان جلد ازالو ڪيو وڃي : اڳواڻ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي جي هدايتن تي وفاقي محتسب سکر جي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه، لاڙڪاڻي ۾ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) ۽ سوئي سدرن گئس ڪمپني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوثپور : سيشن ڪورٽ اندر وڻ ڪاري مهم جو آغاز

ماحولياتي گدلاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ لازم آهي ته اسان وڌ کان وڌ وڻ پوکيون : اڳواڻ

عدالتي حڪم تي سموري ضلعي اندر وڻ ڪاري مهم جي شروعات ڪئي ويندي

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) وڻ ڪاري مهم، هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ڪشمور ٻيلي کاتي پاران سيشن ڪورٽ اندر وڻ ڪاري مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو، ڊسٽرڪٽ سيشن جج زاهد حسين ميتلو سول ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ۽ ٻين واسطيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوثپور : عدالتي حڪم تي وڻڪاري مهم جو آغاز ڪيو پيو وڃي

ڳڙهي خدابخش اسان جو سياسي قبلو آهي : زاهد حسين شاهه بخاري

پيپلزپارٽي قيادت سميت ڪارڪن شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري سياسي فيض حاصل ڪن ٿا

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو خاندان پاڪستان ۽ عوام لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون آهن

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ سکر سيد زاهد حسين شاهه بخاري چيو آهي ته پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ڪوٽ پرسان تعليمي آگاهي جي حوالي سان پروگرام

ڇوڪرين جي تعليم اسان جي لاءِ ضروري آهي : ڪمشنر ميرپورخاص

ڪوشش آهي ته ٿرپارڪر ۾ ڇوڪرين جي تعليم جو رجحان اڃان به وڌيڪ ٿئي

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول قاضي صاحب ڏنو سومرو ۾ تعليمي آگاهي جي حوالي سان معياري تعليم ۽ صنفي برابري جي عنوان پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو ۾ ٻوڏ کانپوءِ جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي

بچاءُ جا هنڌ مقامي سطح تي ايمرجنسي پلاننگ تي به تفصيلي غور ويچار

گڏجاڻي جو مقصد لچڪدار برادرين جي تعمير ۽ بار بار قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ هو : اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو يورپين سول پروٽيڪشن اينڊ هيومنيٽيرين ايڊ آپريشنز جي مشن پاران تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ هوتي خان ناريجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو : گڏجاڻي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ٺٽي ۾ سيارو شروع ٿيڻ سان ئي چورن جو آزار وڌي ويو

سابق صوبائي وزير صادق ميمڻ جي گهر جي سامهون اوطاق پرسان ڪار مان بيٽري چوري

معاملي جو نوٽيس وٺي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي : رهواسي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ سيارو شروع ٿيڻ سان ئي چورن جو آزار وڌي ويو چور بي قابو گذريل رات پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ سابق صوبائي وزير صادق ميمڻ جي گهر جي سامهون اوطاق پرسان بيٺل سوزوڪي آلٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ ليڊي هيلٿ سپروائيزر رخسانه پيرزادو جي مان ۾ تقريب

عمري جي سعادت حاصل ڪري اچڻ تي سنڌس مان ۾ پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو ويو

دعا آهي ته الله پاڪ هر مسلمان مرد توڙي عورت کي اها زيارت ڪرائي : رخسانه پيرزادو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس سنڌ ضلع نوشهروفيروز پاران ليڊي هيلٿ سپروائيزر ۽ ضلعي جي نائب صدر رخسانه پيرزادو کي عمري جي سعادت حاصل ڪري اچڻ تي سنڌس مان ۾ پارٽيءَ جو اهتمام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز : تقريب دوران ورتل فوٽن جو ڏيک

درياخان مري ايڊيشنل ايس ايڇ او جي ڪارروائي، شراب هٿ، 2 جوابدار گرفتار

ڪلٽس گاڏي ۾ 5 ڪريٽ وسڪي شراب جا هٿ ڪرڻ سميت ٻن جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

علائقي ۾ منشيات فروشن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو : پوليس

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) دريا خان مري ايڊيشنل ايس ايڇ او خادم حسين راڄپر جي ڪامياب ڪاروائي ڳجهي اطلاع تي رورل هيلٿ سينٽر گيٽ سامهون ڇاپو هڻي ڪلٽس گاڏي ۾ 5 ڪريٽ وسڪي شراب جا هٿ ڪرڻ سميت ٻن جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

صوفي راڳين جا اجها ڊاهي بي گهر ڪرڻ جي مذمت ڪيان ٿو : ڊاڪٽر لڪمير ٻالاري

مهانگائي واري دور ۾ غريب ماڻهون ڪهڙين تڪليفن مان گذري پنهنجا اجها اڏين ٿا

فورن صوفي راڳين جي گهرن کي پهتل نقصان جو ازالو ڪرائي واهر ڪئي وڃي

ٺٽو(ڊ ر)ڪوهستان جي سماجي اڳواڻ KDF جي چيئرمين ڊاڪٽر لڪمير خان ٻالاري صوفي راڳي فقير فيض علي ۽ ٻين فقيرن جي گهرن کي متياري ضلعي انتظاميه پاران مسمار ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ منصوبن تي ڪم جاري آهي : ڪميل حيدر شاهه

ڳوٺاڻن علائقن ۾ وڏي پيماني تي ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن

ترقياتي منصوبن جو ڪريڊٽ سمورن نمائندن کي وڃي ٿو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)ضلعي ڪائونسل سکر چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ سکر جي مختلف علائقن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ جي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر : سيد ڪميل حيدر شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي ۾ ڊوائيز مافيا سرگرم ٿي وئي

خيراتي پئسن مان پنج کان هڪ هزار تائين ڪٽوتي جاري، لاڳاپيل اختيارين ڪو نوٽيس نه ورتو

ڪميشن ڪائيندڙ ايجنٽ مافيا ۽ ڊوائيز وارن جي ستايل عورتن جون ميڊيا آڏو دانهون

مافيا ۽ زميوارن خلاف قدم کڻي پئسن مان ڪٽوتي بند ڪرڻ سميت پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي : عورتون

سکر(بيورو رپورٽ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جا پئسا اينديئي سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي ۾ ڊوائيز مافيا سرگرم ٿي وئي، خيراتي پئسن مان پنج کان هڪ هزار تائين ڪٽوتي جاري، ڪميشن ڪائيندڙ ايجنٽ مافيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر : بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سينٽرن ٻاهران عورتن جي رش نظر اچي رهي آهي

هن ملڪ ۾ صرف ڏنڊي جي سرڪار آهي مڪمل مارشلا نافذ آهي : نواز شاهه پاڏائي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته هن ملڪ ۾ صرف ڏنڊي جي سرڪار آهي مڪمل مارشلا نافذ آهي جنهن ڪري مظلوم قومن جا سمورا قدرتي حق وسيلا اختيار دولت زمين پاڻي جبل سڀ لٽيا پيا وڃن سنڌ جي 54 هزار ايڪڙ زمين فوج جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي : چيئرمين صفوره ٽائون پاران مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن بابت دورا

پ پ غريب مسڪين ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ حقيقي پارٽي آهي : راشد خاصخيلي

پاڪستان پيپلزپارٽي غريب ماڻهن جي پارٽي آهي پ پ هميشه غريب عوام جو ساٿ ڏنو آهي

ڪراچي(رپورٽر) چيئرمين صفوره ٽائون راشد خاصخيلي جو مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان دورا ڪري عوام جا مسئلا ٻڌا. پ پ هميشه غريب عوام سان گڏ آهي پ پ غريب مسڪين ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ حقيقي پارٽي آهي ڪراچي جي سنڌي وسندين علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جا جار وڇايل آهن راشد خاصخيلي خبر موجب پاڪستان پيپلزپارٽي صفوره /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو جي گرلز هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون نه هئڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شاگردياڻين اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ، پيئڻ جي پاڻي، فرنيچر ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف نعرا هنيا

ڊي سي سجاول احتجاج جو سخت نوٽيس وٺندي اتي موجود تعليم کاتي ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي عملدارن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

فوري طور تي گرلز هاير سيڪنڊري اسڪول لاءِ سولر سسٽم، فلٽر پلانٽ چالو ڪرڻ ۽ اسڪول کي مين گيٽ ڏيڻ جو اعلان

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو جي گرلز هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون نه هئڻ خلاف شاگردياڻين جو احتجاج. اسڪول ۾ سخت سردي باوجود ڪاٻ سهولت ناهي. مسئلا حل ڪرڻ جي گهر. تفصيل موجب دڙو جي گورنمينٽ گرلز هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شاگردياڻين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو شاگردياڻين اسڪول جي عمارت زبون حال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو : اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڀرياسٽي ۾ مدرسي جو شاگرد پرگذريل اسرار نموني گم، وارث پريشان ٿي ويا

نوشهرو فيروز(ڊ ر) محراب پور واسي نينگر سيد شاهه مهدي پراسرار نموني گم ٿي ويو، ان سلسلي ۾ سندس مائٽ سيد عطا حسين شاهه ٻڌايو ته شان مهدي ڀريارو روڊ جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪندو آهي ٻه ڏينهن اڳ محراب پور مان ڀريارو روڊ لاءِ نڪتو هو جاچ بعد خبر پئي ته ڀريارو روڊ اسٽيشن تي لٿو پر مدرسي ۾ ناهي پهتو ڪافي ڳولا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ امن وامان قائم ڪرڻ جي لاءِ ايس ايس پي آفيس ۾ اجلاس منعقد

امن وامان جي صورتحال کي يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس جي جوانن کي ڊي آءِ جي پاران خاص هدايتون جاري

قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ پوليس پاران اهم پيش رفت ڪئي ويندي، جا جلدي سٺا نتيجا نڪرندا : ڊي آءِ جي

جلد ملڪ ۾ عام اليڪشن ٿي رهي آهي جنهن ۾ امن وامان قائم ڪرڻ اسان جو فرض آهي : ايس ايس پي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ امن و امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ايس ايس پي آفيس دادو ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس (ڊي آءِ جي) حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو جي صدارت ۾ اهم اجلاس ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سميت ڊي ايس پيز ۽ ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ دادو جي ڪچي ۽ ڪاڇي جي علائقن سميت ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ انڊس اسپتال جي ملازمن کي پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاج جاري

1200 کان وڌيڪ ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ ۽ سنڌ حڪومت پاران بجيٽ نه جاري ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

انڊس اسپتال جو بجيٽ ڪافي مهينن کان جاري نه ٿيو آهي جنهن سبب ملازمن کي پگهارون نه مليون آهن : مظاهرين

اسپتال جو ڪاروهنوار متاثر ٿي رهيو آهي، ڪامورا سنڌ حڪومت سيڪريٽري صحت ۽ ٻيا عملدار فوري بجيٽ جاري ڪن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ انڊس اسپتال جي ملازمن کي پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف ملازمن جو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي مک گيٽ تي احتجاجي مظاهرو خبر موجب ڊاڪٽر سڪندر مينڌرو سول انڊس اسپتال بدين جي 1200 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين : انڊس اسپتال جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر: شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر: شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، قتل ڪيس جي ٻڌڻي تي فريادي ڪرم الله مهر ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا اي ٽي سي جي جج عبدالرحمان قاضي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي قتل ڪيس ۾ گرفتار 6سهولتڪارن /بقايا پڙهو صفحو3 نمبر 23

سڪرنڊ ۾ يونائيٽيڊ پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

زرعي پاڻ جي هٿرادو کوٽ ڪري بليڪ مارڪيٽنگ ذريعي هڪ پاسي آبادگارن جو معاشي قتل ڪيو پيو وڃي : مظاهرين

ننڍين ننڍين آبادگارن کان ماني گرهه کسي کين قرضي ڪري سندن زرعي زمينون وڪرو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي

اسسٽنٽ ڪمشنر سڪرنڊ ۽ زراعت کاتي جي آفيسرن سان پڻ ڏار ڏار ملاقاتون ڪري چڪا آهيون پر افسوس جو نتيجو زيرو آهي

سڪرنڊ(رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي صدر حافظ زين ڀٽو تنظيمي اڳواڻن قاسم سومرو، ايوب کوسو، چڳل خان انڙ، محمد خان گدارو، شوڪت حسين ميمڻ، امجد خانزده، فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو ۽ شهمير خان جمالي سميت سوين ڪارڪنن سان گڏ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ مٿين اڳواڻن الڳ الڳ خطاب ڪندي چيو ته سڄي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو : اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي جتوئي ساٿين سميت پي ٽي آءِ کي الوداع ڪري ڇڏيو

ڀيٽو جتوئي ۾ شموليت واري جلسي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ پير صدرالدين شاهه راشدي، غلام مرتضيٰ جتوئي سان ملاقات ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت ڪئي

سيني کي خبر آهي ته ملڪ تي هڪ ڏکيو وقت آهي اهو وقت برقرار رهيو ته ڪو به ماڻهو سک سان رهي نه سگهندو : پير صدرالدين شاهه راشدي ۽ ٻيا

جي ڊي اي ۾ باضابطه طور شموليت جو اعلان ڪريان ٿو منهنجي سياست عوام لاءِ آهي مان عوام جو ورڪر آهيان ماڻهن جو سودو نه ٿو ڪري سگهان : لياقت علي جتوئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ لياقت علي جتوئي ساٿين سميت پي ٽي آءِ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي آهي ڀيٽو جتوئي ۾ شموليت واري جلسي ۾ جي ڊي اي اڳواڻن پير صدرالدين شاهه راشدي، غلام مرتضيٰ جتوئي ڊاڪٽر صفدر عباسي ، سيد زين شاهه ، سيد غضنفر شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شموليت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو : لياقت علي جتوئي، پير صدرالدين شاهه راشدي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

بدين ۾ سيشن ڪورٽ ٻاهران وڌيڪ هڪ موٽرسائيڪل چوري، متاثر پاران واهر جي اپيل

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تفصيل بدين ۾ ضلع جي اهم ڪامورن جي آفيسن واري علائقي ڊي بي او چوڪ پرسان جوڊيشل ڪا ٻاهران موٽرسائيڪل جي چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو آهي جنهن دوران تازو سيشن ڪورٽ ۾ شنوائي تي آيل ڀهدمي لڳ ڳوٺ فتح خان چانگ جي رهواسي حنيف چانگ جي ڪورٽ ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عام چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن پاران ڀرپور تياريون جاري آهن : مسعود احمد قريشي

تمام جلد آر اوز ۽ پرزائيڊنگ آفيسرن جي ٽريننگ شروع ڪئي ويندي : ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر

لاڳاپيل عملدارن تي زور ڀريو آهي ته عام ماڻهن ۾ ووٽ جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

گڏجاڻي ۾ منظور علي چوهاڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر نجم هاليپوٽو، اليڪشن آفيسر محمد تنوير ۽ ٻين جي شرڪت

نيوسعيدآباد(رپورٽر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر مٽياري مسعود احمد قريشي چيو آهي ته عام چونڊن جي حوالي اليڪشن ڪميشن پاران ڀرپور تياريون جاري آهن، تمام جلد آر اوز ۽ پرزائيڊنگ آفيسرن جي ٽريننگ شروع ڪئي ويندي، هن ايجوڪيشن ۽ لوڪل گورنمنٽ سميت لاڳاپيل عملدارن تي زور ڀريو آهي ته عام ماڻهن ۾ ووٽ جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

✻✻✻ روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي✻✻ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع 08 ڊسمبر 2023ع

پوليس ٿاڻن تي ڌاڙيلن جا حملا

حڪمران عوام کي چون ٿا ته قانون سنڌ ۾ موجود آهي، نه صرف موجود آهي، پر ان جي عملداري به قائم آهي، رڳو عوام جي بصارت خراب آهي، جو انکي قانون نظر نٿو اچي ۽ عوام حڪمرانن جي دعوائن تي ويساھ ان ڪري به ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، جو اهو جڏهن حڪمرانن کي ڪمانڊوز جي گهيري ۾، بلٽ پروف گاڏين ۾ هلندي ڏسي ٿو ته، ان جو ذهن حڪمرانن جي ان دعوا تي ويساھ ڪرڻ کان روڪ ۽ رنڊڪ وجهي ٿو. صرف اهوئي نه پر ڪثرت سان ٿيندڙ قبيلائي دهشتگرديءَ جا واقعا به حڪمرانن جي دعوا کي قبوليت ڏيڻ ۾ رنڊڪ آهن. حڪمرانن جي، قانون جي عملداريءَ وارين دعوائن جي نفي ڪندڙ اهڙا واقعا ٿيندا رهن ٿا، جن کي قانون پاڻ لاءِ چئلينج نٿو سمجهي ۽ هڪ اهڙو ئي تازو واقعو ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ پڻ ٿيو آهي، جتي ڌاڙيلن ٿاڻي تي حملو ڪري پوليس اهلڪار کي شهيد ڪري ڇيو آهي. هٿيارٻندن ڪچي ۾ گبلو ٿاڻي تي حملو ڪري وڏي منشي خالد ابڙي کي شهيد ڪري ڇڏيو حملي ۾ 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا. آءِ جي سنڌ پاران ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کي ڌاڙيلن خلاف فوري طور ڪارروائي جو حڪم ڏنو ويو آهي.

هوئنئن ته هن وقت سڄي سنڌ چڻ ته ڪا 'ڪيٽي' بڻيل هجي، پر خاص طور تي سنڌ جا اڌ ڊزن کان مٿي اتريان ضلعا رياستي قانون لاءِ 'نو گو ايريا' بڻيل آهن. ڪمانڊوز جي گهيري ۾ هلندڙ ۽ بلٽ پروف شيشن پٺيان ويهي سنڌ ۾ امن امان جا پاسڻ ڏيندڙ منتظمين لاءِ ته سنڌ واقعي به امن جو هندورو آهي، پر عام ماڻهو ڌاڙيلن جي نشاني تي آهي، ايتري قدر جو ٿاڻن ۽ چوڪين تي پوليس اهلڪار به محفوظ ناهي، جن کي حملو ڪري ياته ڌاڙيل اغوا ڪري وڃن ٿا يا وري شهيد ڪيو وڃي ٿو. پوليس وٽ وسيلا گهٽ هئڻ ڪري اها پنهنجو تحفظ به نٿي ڪري سگهي ته عوام جي تحفظ جي ذميواري ڪيئن پوري ٿي سگهندي؟ سنڌ جو گهڻو ڌاڙيلن جي ٿر ۽ ٿاڪ بڻيل آهي، جتي انهن وٽ نه رڳو مغوي پر رياستي قانون به يرغمال بڻيل آهي. ڌوهن جو فيل مست سڄي سنڌ پنهنجن پيرن سان لتاڙي ۽ اجاڙي رهيو آهي پر مجال آهي، جو منتظمين ان کي پنهنجي اختيار لاءِ چئلينج ۽ انتظام ۾ ڪا مداخلت سمجهن. چڻ ان کي پوڻ پيلڻ جي ڪا مشروط اجازت مليل هجي! قانون ان کي ڏانوڻ وجهڻ جي سگهه نٿو ساري. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا آيا آهيون ته ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيا' کي قانون جي ناڪيلي وجهڻ سان ئي ڌوهن تي ڪنٽرول ممڪن آهي. ڪچي ۾ هر نئين ڏينهن ڌاڙيلن جي برپا ڪيل ڪاري قيامت ڏسي ائين لڳي ٿو ته ڪچو سنڌ سرڪار جي انتظامي ذميواريءَ واري سرحدن کان ئي ٻاهر هجي! اتي ڌاڙيل راڄ آهي، جتي ڪچي جي ڌاڙيلن کي پڪي جي 'ڌاڙيلن' جو به ساٿ ۽ سهڪار حاصل آهي، جو هاڻي ته عوام جي تحفظ لاءِ مقرر پوليس اهلڪار پاڻ به محفوظ نه آهن.

هن ڀيري به آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کي ڌوهارين خلاف آپريشن جي هدايت ڪئي آهي پر اصل ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن وارو ٻنڌ اڪيلي سر پوليس جي ڪٽڻ کان ڳرو آهي. هتي به پنجاب جي راجن پور واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف ماضيءَ ۾ ڪيل آپريشن جهڙي ڪارروائيءَ جي ضرورت آهي. پنجاب جي راجن پور واري ڪچي ۾ جڏهن پوليس "ڇوٽو گينگ" جي ڪارروائين اڳيان بيوس ٿي ته پوءِ اتي فوج جي مدد سان آپريشن ڪيو ويو هو. جيئن ته پوليس عملدارن جون مقرريون سردارن ۽ ڀوتارن جي مرضيءَ موجب ٿين ٿيون ۽ پوليس رڳو انهن جو دٻدٻو، رعب ۽ تاب، شان ۽ شوڪت ۽ پروٽوڪول ۾ مصروف هوندي آهي. ڌوهه انهن ڀوتارن جي معيشت بڻيل آهن، جيڪي ڀوتار سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن. ان ڪري به ڌوهه گهٽجن نه پيا. اسان پنهنجي ان گهر کي ورجايون ٿا ته، ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن خلاف هڪ ئي وقت ڀرپور آپريشن ڪيو وڃي.

بقايا *** 01

آباد هاءِ ڪورٽ احتساب عدالت کي معاملو واپس موڪلڻ بابت نيب جي استدعا رد ڪري ڇڏيعدالت مرحوم جج ارشد ملڪ جي وڊيو عدالت ۾ هلائڻ جو به اشارو ڏئي ڇڏيوعدالت رمارڪس ڏنا ته العزيزيه ريفرنس ميرٽ تي هيءَ ئي عدالت ٻڌندي

بقايا *** 02

سندس اڳيان ڪئي، آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته آرمي چيف دهشتگردي خلاف مختلف ڪارروائين ۾ بهادري جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان به ملاقات ڪئي ۽ انهن جي بي مثال ڪارڪردگي کي ساراهيو ان موقعي تي آرمي چيف کي سيڪيورٽي جي مجموعي صورتحال، دهشتگردي خلاف ڪارروائين، غير قانوني پرڏيهين جي واپسي سميت نون ضم ٿيل ضلعن ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف پهريون ڀيرو ٿيل قومي ورڪشاپ خيبر پختونخواھ جي شرڪت ڪندڙن سان خطاب ۾ چيو ته قوم کي فوج جي ڪارڪردگي تي فخر آهي، پاڪ فوج وطن جي حفاظت جو فرض رت جي آخري ڦڙي تائين ادا ڪندي رهندي. هن چيو ته غير قانوني پرڏيهين جي واپسي جو فيصلو حڪومت ملڪي مفاد ۾ ڪيو، اهي ملڪي سلامتي ۽ معيشت کي بري طرح متاثر ڪري رهيا آهن. ڪين عزت سان واپس پنهنجي ملڪ موڪليو پيو وڃي.

بقايا *** 03

ڪرڻ هو اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر وڌيڪ چيو ته رياست ۽ ادارن سان ٽڪرار برداشت ڪرڻ جوڳو نه آهي. رياستي ادارن خلاف پرتشدد ڪارروائين ۽ قوم کي گمراھ ڪندڙ بيانن جي نفي ڪريان ٿو.

بقايا *** 04

سياستدان سان مقابلو ناهيپيپلز پارٽي جو غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائي سان مقابلو آهي، پيپلز پارٽي ماضي ۾ به عوام کي مصيبت مان ڪڍيو هاڻ به ڪڍنديب پ چيئرمين چيو ته اسان کي گارگند ۽ ٽڪ ٽاڪ واري سياست نٿي اچي، اسان کي گيٽ نمبر 4 جي سياست به نٿي اچي، مان رڳو عوام ڏانهن ڏسندو آهيانبلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته منهنجو ملڪ مصيبت ۾ آهي، اچو منهنجو ساٿ ڏيو، ملڪ جي تقدير بدلائي سگهون ٿا، مون سمورن سياستدانن کي ويجهي کان ڏٺو آهي، هنن وٽ رڳو پراڻي سياست آهي جيڪا انتقام جي سياست آهي. اهڙي سياست کي دفنائڻو پوندو بلاول چيو ته منهنجي مخالفن کي خبر آهي ته بلاول پنهنجا ڪيسا نه پر عوام جا ڪيسا ڀريندو، اسان عوام جي ايڏي خدمت ڪئي آهي جو مخالف به پريشان آهن

بقايا *** 05

ڪنداسينهن چيو ته ليول پلئنگ فيلڊ جو طعنو عجيب آهي، اڃا ٽڪيٽن جا مسئلا حل رهيا آهن ن ليگ نين ٽڪيٽن مان ڪنهن به صورت ۾ مطمئن نه آهيسعد رفيق چيو ته نين ٽڪيٽن ۾ منهنجو ۽ شهباز شريف جو ٽڪ متاثر ٿيو آهي، نين ٽڪيٽن کي چئلينج ڪرڻ لاءِ عدالت وڃون پيا

بقايا *** 06

عباسي، سيد زين شاھ ۽ ٻين جي ڊي اي اڳواڻن به جلسي ۾ شرڪت ڪئيلياقت جتوئي جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي وارن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن. انشاءِ الله هن ڀيري

اسان سنڌ ۾ حڪومت ٺاهينداسين، اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي

بقايا *** 07

بيرسٽر گوهر خان ۽ علي ظفرلاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائيدرخواست ۾ اليڪشن ڪميشن کي ڌر بڻايو ويو، درخواست ۾ موقف پيش ڪيو ويو ته اليڪشن ڪميشن 8 آگسٽ 2023ع تي 5 سالن لاءِ اسيمبلي ميمبر طور نااهل ڪيواليڪشن کان ٻاهر ڪرڻ لاءِ جلد بازي ۾ غيرقانوني قدم کنيا ويا. لڳايل الزام بي بنياد آهن. عدالت 5 سالن جي نااهلي کي ڪالعدم قرار ڏيدرخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته درخواست جي فيصلي تائين نااهلي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪيو وڃي

بقايا *** 08

ڪندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪائونسل اجلاس ۾ جماعت اسلامي جو ڪردار سڀني ڏٺو. بدقسمتي سان لڄڪ باوجود اڄ به رويو سڀني جي سامهون آهي، هن چيو ته اجلاس شروع ٿيندي ئي احتجاج شروع ڪيو ويو، اجلاس ان ڪري ختم ڪيو ويو ته اڳتي سٺي انداز ۾ اجلاس ڪيون. گذريل ڏينهن به چيو هو ته اسان سڀني کي گڏ ڪئي هلڻ چاهيون ٿا. اڳ ۾ شهر ۾ ڪو ٻيو بدمعاشي ڪندو هو، هاڻ ڪو ٻيو ڪندو آهي. سندس موجب ميئر جي ڪرسي تي جاڪنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جيڪو غير مناسب رويو آهي. ڪنهن کي بدمعاشي ڪرڻ نه ڏينداسين.

بقايا *** 09

اسڪينڊل جي معاملي واري جاچ لاءِ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي تفصيل موجب توانائي واري وزارت نيپرا جي بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي واڌو بلن جي حوالي سان انڪوائري رپورٽ تي پاور ڊويزن جاچ جو فيصلو ڪندي چار رڪني ڪميٽي جوڙيندي جيڪا انڪوائري سان گڏ معاملن جو به جائزو وٺندي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. پاور ڊويزن موجب اڳوڻو سيڪريٽري پاور ڊويزن عرفان علي ڪميٽي جي سربراهي ڪندو ٽي آر اوز موجب ڪميٽي ڊسڪوز، بي آءِ ٽي سي جي ڊيٽا جي آڊٽ تي نيپرا رپورٽ جو جائزو وٺندي ۽ نيپرا جاچ جي لاءِ سيمپلنگ جي طريقيڪار جو به جائزو وٺندي، نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته بجلي صارفين کي هڪ مهيني کان وڌيڪ جي بلنگ جي معاملي جو جائزو وٺي بجلي ڪمپنين جي آفيسرن، نيپرا جي جاچ ٽيم ميمبرن کان به پڇاڳاڇا ڪئي ويندي پاور ڊويزن موجب ڪميٽي 15 ڏينهن جي اندر پنهنجون سفارشون جوڙي پيش ڪندي ۽ ذميوارن جو تعين ڪري وڌيڪ ڪارروائي جي سفارش به ڪندي، نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪميٽي جي ميمبرن ۾ ايم ڊي ٽيسپاڪ زرگام اسحاق خان، عابد لودهي، ڪنسلٽنٽ يو ايس ايڊ، اڳوڻو ايم ڊي اين ٽي ڊي سي ڊاڪٽر فياض چوڌري به ڪميٽي ۾ شامل آهن

بقايا *** 10

محمد مزاري هاڻي ن ليگ جو حصو بڻجي ويو آهيهن چيو ته اسان کي يقين آهي ته ايندڙ حڪومت ن ليگ ٺاهڻ وڃي پئي. تحريڪ انصاف هاڻي گوهر خان جي جماعت آهيرانا ثناءُ الله چيو ته هر ٽڪ مان 6 کان 8 درخواستون آيون آهن. اڄ اسان جهنگ ضلعي کي مڪمل ڪري ورتو، هر ٽڪ تان هڪ ئي اميدوار اليڪشن ۾ حصو وٺندو ڪجھ ماڻهن طرفان باضابطه طور تي ن ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو پيو وڃي.

ماڇڪو جاگير بدامني ۽ پوليس

مياڻ عارف گهنجو

ماڇڪو جيڪو تاريخي طور تي سنڌ جو حصو رهيو آهي جتي اڪثريت ۾ سنڌي ديوان ۽ ٻيون نج سنڌ ذاتيون رهائش پذير آهن ماڇڪو جتي جي اڪثريتي عام ۽ ڪاروباري ٻولي سنڌي آهي ماڇڪو جنهن جي ڪنهن به طرف کان زميني سرحد پنجاب سان نه ٿي لڳي پر پوءِ به چوڌاري سنڌ سان ملندڙ ٻيٽ نما ماڇڪو پنجاب ۾ شامل آهي. ماڇڪو جاگير ماڇڪي جي جنگجو ماڇي سردارن کي نواب آف بهاولپور هڪ جنگ ۾ ڪاميابي کان پوءِ عطا ڪيو جيڪو بهاولپور اسٽيٽ جي قائم رهڻ تائين جاگير جي حيثيت ۾ رهيو بهاولپور اسٽيٽ جي خاتمي کان پوءِ هن جاگير کي زبردستي پنجاب ۾ شامل ڪيو ويو ماڇڪي جي ماڇي سردارن کي سولنگي جو خطاب به عطا ٿيل آهي جنهن جي پٺيان به هڪ ڪهاڻي آهي جيڪا هن ريت آهي ته ڌهرن جي وڏي سردار جد امجد پميو خان لاءِ وڙهندي جڏهن جنگجو ماڇين ڪاميابي جا جهنڊا کوڙيا ته ڪين پميي خان ٻين انعامن ۽ اڪرامن سان گڏ سٺ لنگيون عطا ڪيون ۽ ڪين سٺ لنگين وارا ڪري سڏيو ويو جنهن مان سولنگي جڙيو جيڪو خاص جنگجو ماڇي سردارن لاءِ لقب هيو پر آهستي آهستي سمورن ماڇين سولنگي سڏائڻ شروع ڪيو ماڇڪو جاگير پنجاب جي تسلط ۾ هئڻ باوجود نج سنڌي ريتن رسمن ۽ رواجن جو امين رهيو آهي هتان جا هندو توڙي مسلمان هميشه پيار محبت پريت ۽ ڀائيچاري سان رهندا پئي آيا آهن جڏهن ته ماڇڪي جا ماڇي سردار به هميشه هندو توڙي مسلمانن لاءِ پرڇهلا ۽ سهارو ٿي رهيا آهن پر هن خوبصورت شهر کي الاءِ ڪنهن جي نظر لڳي آهي جو ڪافي عرصي کان هتان امن جو پکي اڏامي ويو آهي اغوا ڦر ڌاڙا قبائلي جهيڙا هن سڄي علائقي ۾ سرائيت ڪري ويا آهن جنهن جا اثرات ماڇڪي کان ٻاهر مريد شاخ اوباڙو رونتي ڪشمور گڏو ۽ ان سڄي پڪڙيل علائقي تي پئجي رهيا آهن. ماڇڪو جنهن ۾ پنجاب پوليس جو ٿاڻو ۽ پڪٽون به قائم آهن پر پنجاب پوليس ڌوهارين کي قابو ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام آهي جنهن جا ڪيترائي سبب آهن پر سڀ کان وڏو سبب جيڪو پوليس جاٽائي ٿي سو حد جو تڪرار آ جڏهن به ڪو ڌوھ يا واردات ٿيندي آهي ته پوليس روايتي بي حسي جو مظاهرو ڪندي هميشه دير پهچندي آهي ۽ پوءِ حد جو تڪرار جاٽائي ڪاروائي ۾ دير ڪندي آهي تازو ماڇڪي جي حدن ۾ شرن ۽ ماڇين جي هڪ خوني تڪرار تقريبن ٻارنهن انساني جانيون ڳڙڪائي ورتيون آهن ۽ علائقي ۾ خوف جو راڪاس اچا ب رقصان آهي هن تڪرار جتي ماڻهن ۾ خوف حراس ۽ دهشت پيدا ڪئي آهي اتي پنجاب پوليس جي پت ب وائڪي ڪري ڇڏي آهي جيڪي پنهنجا ٻجوان شهيد ڪرائي موٽي آيا آهن سال اڳ شرن جي ڊر جا ڪجھ ماڻهو پنجاب پوليس مقابلي ۾ مارڻ جي دعوي ڪئي هئي جنهن لاءِ شرن جو چوڻ هو ته اسان جا اهي ماڻهو ماڇين مخبري ڪري ماريا آهن سو هنن ماڇين کي ڌمڪيون ڏنيون هيو ته اسان پنهنجو پلاند ڪندا سين جنهن جو پنجاب پوليس کي اطلاع ب هيو پر پوليس ڪو خاص ڪردار ادا نه ڪيو سوهاڻي جيئن ئي ڪمند ڪٽجڻ جو سيزن شروع ٿيو ته ماڇي جن جي زمين ماڇڪي شهر ڪان مشڪل سان ب ڪلوميٽر پري هوندي اتي ڪمند ڪٽڻ لاءِ ويا ته پهريان ڪان گهات هڻي ويٺل ڌاڙيلن مٿن حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ سندن چار ماڻهو هڪ راهگير عورت قتل ٿي ويا ۽ ڪجھ ڌاڙيلن جا ماڻهو ب مارجي ويا ته پوليس جا جوان ب جن جو تعداد ٻارنهن جي لڳ ڀڳ ٻڌايو پيو وڃي ماڇڪي ۾ بدامني جو هڪ پيو ۽ وڏو ڪارڻ پنجاب پوليس جي لالچ ڪرپشن ۽ انسان دشمن پاليسي آهي خبرون ته ايتري تائين ب آهن جو پنجاب پوليس جي وڏن وڏن اهلڪارن ماڇڪي جي ڪچي واري زمين تي هنن ڌوهارين جي مدد سان ناجائز قبضو ڪيو آهي سندن زمينون کيڙڻ ۽ اپائڻ جو ذمو انهن ڌوهارين تي آهي ساڻن پنجاب پوليس جي اهلڪارن جو دوستيون ۽ ياراڻا آهن جنهن ڪري ڪين ڌوهن جي ڪليل چوٽ مليل آهي ماڇڪو پنجاب پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ سوني جي جهرڪي مثل آهي جتي جي امن کي داءِ تي هڻي هو پنهنجو پيٽ ڀرين ٿا ٿاڻن کي ملندڙ بجيٽ ڳڙڪائي عام سپاهين کي ناڪاره هٿيار ۽ بڪتر بند گاڏيون ڏئي سڌو سنئون موت جي منهن ۾ ڌڪن ٿا ماڇڪو جيڪو هڪ وڏو ڪاروباري مرڪز رهيو آهي جتي جنس جي واپار ڪان وٺي ڪاڏ ياڻ جي ڪاروبار تائين شاهي بازار ڪان وٺي سونارن جي ڪاروبار تائين سڀ موجود رهيا آهن سو هاڻي ڪنهن اجڙيل ويران مفتوح ۽ لٽيل شهر جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي بدامني سبب ڪيترائي ديوان هتان انديا ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا آهن جڏهن ته ڪيترائي ڌهرڪي شفٽ ٿي ويا آهن جو هتي ته سندن جان محفوظ آهي نه مال ۽ نئي ڪاروبار هي شهر جنهن جي سونهن هتان جا ماڇي ۽ سندن روايتي ٻولي هئي سو پنهنجي سونهن وڃائيندو پيو وڃي هي.

ماڇڪو جيڪو سنڌ جو ۽ سنڌ ۾ هجڻ جي باوجود اپاڻڪو ننڍڙڪو ۽ لاوارث بڻيل آهي هي جاگير جيڪا ريتن رسمن رواجن تهذيبن ٻولي ۽ خمير ۾ سنڌ آهي تنهن تي پنجاب جي قبضي ۽ پنجاب پوليس جي نااهلي لالچ ڪرپشن ۽ ڌاڙيلن کي ڇوٽ هتان جي ماڻهن لاءِ جيئڻ جي جستجو کي انتهائي مشڪل ڪري ڇڏيو آهي پنجاب پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ماڇڪي جي ڪچي وارين زمينن ماجهو ناٿو ڪمائن سان گڏ هندو ۽ ٻين واپارين کي بليڪ ميل ڪري ڪاٺن پتا پڻ وٺن ٿا پر جڏهن ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته هٿ مٿي ڪري ويهي رهن ٿا الميو آهي ته ماڇڪي جي سنڌ سان وابستگي سبب هتان جي رهاڪن کي سنڌي هجڻ جي ڪري هر قسم جي ترقي ۽ تحفظ کان محروم رکندي تعصب جو شڪار ڪيو وڃي ٿو ماضي ۾ ماڇي سردارن جي هن جاگير جو امن مثالي رهيو آهي پر هاڻ اتي امن ديواني جو خواب آهي.

ماڇڪي جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ تاريخ ماڇڪي کي سنڌ سان ڳنڍي ٿي ان ۾ رهندڙ قبيلن ذاتين ۽ برادرين جا رسم رواج ريتون پڻ هن سموري علائقي جي سنڌي هجڻ جون ساکي آهن پر پنجاب جي ناجائز قبضي ۽ پنجاب پوليس جي ڪرپشن رشوت خوري ۽ نااهلي هن خطي کي چڻ ته نو گو ايريا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي جتي عام حالات ۾ ساھ کڻڻ مشڪل هجي ماڇڪي ۽ ان جي ڪچي جي حالات جا سڌا سنوان اثر پير وارن علائقن تي پون ٿا جن سان سڄي خطي جو امن داءَ تي لڳل آهي ٻڌڻ ۾ ته ايتري تائين آيو آهي جو پوليس ڌاڙيلن کي سي پيڪ روڊ تي واردات ڪان روڪڻ لاءِ گوئن جو امن تباھ ڪرڻ جو فري لائسنس ڏئي ڇڏيو آهي.

ماڇڪي جو هي خوبصورت علائقو جيڪو سنڌو درياھ جي ڪپ تي واقع آهي جتان جا ماڻهون هميشه ٻوڏن برساتن ۽ آفتن جا ستايل هوندي به محنت ڪش ۽ جفاڪش رهيا آهن هتان جا ماڇي اصل کان جنگجو ۽ جوڌا رهيا آهن جڏهن ته ديوان هن خطي جي سونهن آهن هن سموري جاگير جي امن آشتي ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي ته سنڌ حڪومت ماڇڪي جي مالڪي ڪندي هن جي انتظامي اختيارن کي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ اعلي سطح تي آواز اٿاري ته جيئن هتان جا ماڻهو نه صرف پنهنجي ڌرتي ۾ انتظامي طرح شامل ٿين پر امن واري زندگي گذاري سگهن

انٽرويوز مڪمل ٿيندي ئي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويندو

بقايا *** 11

جي فارنزڪ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي لطيف کوسا ۽ بشريٰ بي بي جي آڊيو ليڪ بابت ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته جاچ ڪئي وڃي ته سڀ کان پهرين آڊيو ڪٿان جاري ٿي؟ جسٽس بابر ستار چيو ته پيمرا ٻڌائي ماڻهن جي نجي گفتگو ٽي وي چئنلز تي ڪيئن نشر ٿي رهي آهي؟ جسٽس بابر ستار درخواست تي واريل اعتراض ختم ڪندي پڇائو ڪيو ته درخواست تي رجسٽرار آفيس جو ڪهڙو اعتراض آهي؟ لطيف کوسا ٻڌايو اعتراض آهي ته الڳ درخواست داخل ڪريو. ڌار ڌار درخواست ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ آڊيو ليڪس ڪيس ۾ الڳ الڳ درخواست داخل ٿي سگهي ٿي. وڪيل ۽ اصيل وچ ۾ ڳالهه ٻولهه تي استحقاق هوندو آهي. جسٽس بابر ستار رمارڪس ڏنا ته بگ باس ٻڌندو رهندو آهي. اوهان کي خبر هئڻ گهرجي جسٽس بابر ستار جي ڳالهه تي عدالت ۾ ٽهڪڙا، جسٽس بابر ستار پڇيو آڊيو ڪير رڪارڊ ڪري رهيو آهي؟. جنهن تي لطيف کوسا چيو ته سڀني کي خبر آهي ڪير رڪارڊ ڪري رهيو آهي. جسٽس بابر ستار چيو ته مفروضن تي نه ٿا هلي سگهون لطيف کوسا چيو ته هي منهنجو ۽ پوري ملڪ جي وڪيلن جو مسئلو آهي. وڪيل اصيل سان ڳالهائي نه سگهي ته انصاف جو نظام ڪيئن هلندو؟ جسٽس بابر ستار پڇائو ڪيو ته ڇا آڊيو سوشل ميڊيا تي آئي آهي؟ جنهن تي لطيف کوسا چيو ته آڊيو ٽي وي چئنلز تي به نشر ڪئي، جسٽس بابر ستار چيو ته سڀ کان پهرين ٽوئيٽر تي آئي يا ڪنهن ٻي هنڌ؟ اها خبر پئجي وڃي ته رليز ڪٿان ٿي ته پوءِ خبر پئجي ويندي ته رڪارڊ ڪنهن ڪئي؟ لطيف کوسا چيو ته پيمرا هونئن ته ڪنهن جو ڳالهه وٺڻ تي اسڪرين بند ڪري ڇڏي ٿو پر هن معاملي تي خاموش آهي جسٽس بابر ستار درخواست جي ڪاپي ڊي جي آءِ ايس پي آر کي موڪلڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته ڊي جي آءِ ايس پي آر به رپورٽ ڏئي ته آڊيو ڪنهن رليز ڪئي، عدالت بشريٰ بي بي ۽ لطيف کوسا جي آڊيو ليڪ معاملي تي ايف آءِ اي، پيمرا ۽ پي ٽي اي کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪيو ۽ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 11 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا *** 12

ڪامريڊ مرڪ جان ڪيس ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ تي 8 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيوجسٽم اڳواڻ موجب ٽيسر نگر پوليس مرڪ جان واقعي جي ڪا به جاچ ناهي ڪئي، نه ئي ڪو جوابدار گرفتار ٿيو آهيجسٽم موجب پوليس نااهلي ۽ جوابدار جي گرفتاري لاءِ سياڻي اولڊ ڪيمپس کان پريسڪلب تائين احتجاج ڪيو ويندوديدار شام موجب جوابدار پاران عدالت ۾ ضمانت لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ بابت وڪيلن سان صلاح مشورا ڪيا پيا وڃن15 نومبر تي جسٽم ناري تحريڪ اڳواڻ ڪامريڊ مرڪ جان پيرزادو جو مبينا ڳاهو ڪاڌل لاش فليٽ مان مليو هو

بقايا *** 13

ني بڻائي ڪندي، چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ لارجر بئنچ جي سربراهي ڪندو لارجر بئنچ ۾ جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس منصور علي شاھ، جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس امين الدين خان، جسٽس جمال خان مندوخيل، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن علي رضوي ۽ جسٽس مسرت هلالي شامل هوندا.

بقايا *** 14

۽ پارت سان پاڪستان جي لاڳاپن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، افغانستان ۾ عورتن جي تعليم سميت افغان پناهگيرن جي واپسي جي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، برطانوي هاءِ ڪمشنر جي مولانا فضل الرحمان کي افغانستان ۾ عورتن جي تعليم لاءِ سهڪار جي اپيل ڪئي. مولانا فضل الرحمان چيو ته عالمي برادري جي صلاح آهي ته افغانستان سان لاڳاپا بهتر بڻائڻ ۽ معاملا گڏيل مفاهمت ذريعي حل ڪيا وڃن. مغرب ۽ اسلام جي ثقافتي ورهاست کي تسليم ڪيو وڃي، هو عورتن جي تعليم جا حامي آهن پر افغانستان جي اسلامي ۽ پشتون پس منظر کي سامهون رکندي اتي جي حڪومت عورتن جي تعليم لاءِ ماحول پيدا ڪري رهي آهي، افغانستان ۾ امن امان جي قيام ۾ بتدريج بهتري اچي رهي آهي. امن امان جي قيام سان گڏ اهي مسئلا به حل ٿي ويندا. افغانستان ۾

عورتن ۽ ٻارن جي تعليم تي ڌيان ڏيڻ وارن کي غزه جي عورتن ۽ ٻارن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جتي انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن. غزه ۾ بمباري ڪري 4000 عورتون، 6000 ٻار ۽ 20000 شهري شهيد ٿيا. مولانا وڌيڪ چيو ته مغرب اڄا به اسرائيل جي حمايت ڪري رهيو آهي، مغرب کي پنهنجي روش تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. امن جي نالي تي غزه ۾ قتل عام بند ڪيو وڃي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي بند ڪئي وڃي. مولانا فضل الرحمان چيو ته عورتن جي تعليم جي اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏنو پر هتي مقامي اسلامي ۽ پشتون روايتن ۽ ثقافت کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. ان موقعي تي جي يو آءِ اڳواڻ حافظ حمدالله، جلال الدين ايڊووڪيٽ ۽ مفتي ابرار به موجود هئا.

بقايا *** 15

25 کان 29 ڊسمبر تائين بند رهندا. جنهن جو باقاعدي طور نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب وفاق ۽ تعليمي سرگرميون سنڌ ۾ جنوري کان بحال ٿينديون. ياد رهي ته سنڌ ۾ 22 کان 31 ڊسمبر تائين سياري جون موڪلون هونديون.

بقايا *** 16

نه اسان جو حق آ مولانا فضل الرحمان صدر بڻجي، نجي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي عبدالغفور حيدري دعويٰ ڪئي ته 2018 جي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ کي کٽرائڻ لاءِ قمر جاويد باجوا وڏو زور لڳايو. جڏهن ڏٺائين عمران خان کان حڪومت نٿي هلي ته هٽ ڪري ڇڏيائين. ان جو مطلب هو ته جيڪڏهن اپوزيشن ڪجھ ڪري سگهي ٿي ته ڪري. اسان کي تحريڪ مجبور ڪيو ته هٽ ڪيو. 18هين ترميم بابت سوال تي هن چيو ته اها سلي هئي. ان سان هٽ چراند ٿي آهيون. 18هين ترميم سان ڪو هٽ چراند ڪندو ته ان جو ساٿ نه ڏينداسين. سندس چوڻ هو استحڪام پارٽي ۽ پرويز خٽڪ کي ڀاڙيو آهي ته سيٽون نه ملنديون ۽ پي ٽي آءِ کي سڄي ملڪ جي مڙهيو ويو ته انهن کي ٻه سيٽون ملڻ گهرجن.

بقايا *** 17

ٻيهر ۽ ٻين علائقن ۾ جوهي جي زرعي زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ اسٽيل جي شيٽن زرعي زمين آباد ڪرڻ لاءِ عارضي تيار ڪيو ويو پر سليب ٽٽي ويو گوٺاڻن جي شديد احتجاج ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايريگيشن جي اعلي عملدارن ڪاري موري جي ٻيهر تعميراتي ڪم شروع ڪرايو ويو پر ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ ڪري پاڻي جيئن ڇوڙ ڪيو ويو ته 6 ڪلاڪن ۾ ڪاري موري هڪ دفعو ٻيهر ٽٽي پئي. ڪاري موري آرڊي 73 وٽان 4 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان نئون تيار ٿيل جوهي برانچ جو سليب جي ساڳئي هنڌان ٽٽي پيو سليب ٽٽڻ سبب 40 کان وڌيڪ سيلاب ڪندڙ شاخن ۾ پاڻي جي فراهمي ٻيهر معطل ٿي وئي آهي اهي لکين ايڪڙ ڪڻڪ جي پوکائي متاثر ٿيڻ سبب آبادگارن کي اربين روپين جو نقصان ٿيڻ جو امڪان آهي جنهن ڪري آبادگارن پاران ڪاري موري وٽ سخت احتجاج ڪندي ڪرپشن ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف انڪوائري ڪري سندس خلاف ڪارروائي ڪري هفتي اندر هنگامي بنياد تي جوهي برانچ جو ڪم بهتر نموني ڪري پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي آبادگارن ۽ شهرين محمد عمر جمالي اقبال جارڻ حافظ محمد امين جمالي غلام مصطفي عباسي لعل بخش ٻبر نواب جيسر عاشق ۽ ٻين چيو آهي ته جوهي ۽ ڪي اين شاھ تعلقي جون لکين ايڪڙ زمينون بنجر ٿي چڪيون هيون آبادگارن جي سخت احتجاج بعد زمينن ۾ پاڻي فراهمي لاءِ عارضي طور آبپاشي عملدارن پاران لوهي پليٽن وسيلي پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو هو پر آبپاشي عملدارن پاران تباھ ٿيل جوهي برانچ ۾ پاڻي وڌيڪ ڇوڙ ڪيو ويو

بقايا *** 18

هڪ شخص چئي ٿو ته سائفر ڪيس ۾ جنرل (ر) باجوا ۽ آمريڪي نمائندي کي گهرائيندس، مان سمجهان ٿو ته اهو تمام سٺو موقعو آهي ته جنرل باجوا عدالت وڃي جنرل باجوا عدالت وڃي ٻڌائي ته پي ٽي آءِ باني کي ڪيئن آندو ويو هو گوهر کي ٻڌائي ته ڪيئن مانيٽرنگ جج ويهاري نواز شريف کي سزا ڏياري وئي. جنرل باجوا عدالت کي سچ ٻڌائي ته جيئن عمران خان جي اصليت قوم سامهون اچي سگهي.

بقايا *** 19

هدايتون جاري ڪيون ويون. طارق رزاق ڌاريجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قبائلي ٽڪرارن جي خاتمي لاءِ پڻ پوليس پاران اهم پيش رفت ڪئي ويندي جنهن جا جلدي سٺا نتيجا نڪرندا

دادو جي ڪچي ۾ ڌوهارين ۽ انهن جي ساٿارين خلاف آپريشن شروع ڪيو ويندو. نشي آور شين جنهن ۾ آئيس سميت ٻيون انسان دشمن نشي آور شين جي وڪري خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويندو، هن چيو ته دادو ۾ پهريان کان بدامني گهٽجي چڪي آهي. ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار ۽ دادو پوليس جي جوانن اجلاس ۾ خاطري ڪرائي آهي ضلعي ۾ هر قسم جي ڏوهن تي ضابطو آندو ويندو. جلد ملڪ ۾ عام اليڪشن ٿي رهي آهي جنهن ۾ امن وامان قائم ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

بقايا *** 20

۾ باھ لڳڻ وارو واقعو سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) سميت ٻين لاڳاپيل شهري ادارن ۽ ڪين آفيسرن جي نااهلي، مڪمل ناڪامي ۽ مجرمانه غفلت جو نتيجو آهي. هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته جيڪڏهن ايس بي سي اي سمورن بلڊنگ ڪوڊز تي عمل ڪري ها ته ايتري وڏي باھ لڳڻ سبب 3 معصوم جانيون ضايع نه ٿين ها ۽ 74 اپارٽمنٽ ۽ 130 دڪان سڙي رک نه ٿين ها. ۽ وڌيڪ چيو ته واقعي جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي جنهن ۾ جوابدارن جي نشاندهي ڪئي ويندي ته جيئن ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. هن چيو ته هر عمارت کي فائر سيفٽي سسٽم ۽ فائر ٽينڊر پهچڻ لاءِ رستا ڏيڻ گهرجن پر افسوس جو اهي سڀ اهم حفاظتي اپاءَ نظر انداز ڪيا ويا آهن هن چيو ته مون اهڙي قسم جي واقعن کان بچڻ لاءِ سرڪاري ۽ خانگي عمارتن جي سيفٽي ۽ سيڪيورٽي آڊٽ جا حڪم اڳ ئي جاري ڪيا هئا. هن وڌيڪ چيو ته هو خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ سمورن اهم عمارتن جي محفوظ ۽ سيڪيورٽي آڊٽ کي يقيني بڻائيندو، وڏي وزير چيو ته رهائشين ۽ واپارين کي ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳايو ويندو هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته هن ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي آهي ته جيستائين ايس بي سي اي عمارت جو معائنو ڪري صورتحال جو اعلان نه ڪري تيستائين ڪنهن کي به سڙيل اپارٽمنٽ ۾ رهڻ جي اجازت نه ڏني وڃي. هن چيو ته مون ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي آهي ته متاثرن لاءِ ڪئمپ قائم ڪئي وڃي ته جيئن عمارت جو معائنو ٿيڻ تائين اهي ان ۾ رهي سگهن. ۽ وڌيڪ چيو ته رگهو هڪ ڪري پنهنجي فليٽ ۾ وڃڻ ۽ پنهنجي گهرن کي محفوظ ڪرڻ ۽ اپارٽمنٽ کي تالو هڻڻ جي اجازت ڏني ويندي. ڊپٽي ڪمشنر متاثر خاندانن جي رهائش لاءِ مولانا الطاف حسين حالي، عزيز آباد ۽ علامه شبير عثماني بلاڪ 14 ايف بي ايريا ۾ به اسڪول عمارتون مقرر ڪيون آهن. ان کان اڳ وڏي وزير سڙيل عمارتن ۽ دڪانن جو معائنو ڪيو ۽ متاثرن سان ملاقات ڪئي. هنن وڏي وزير کي ٻڌايو ته باھ لڳڻ سبب 74 اپارٽمنٽس ۽ 130 دڪان سڙي ويا جڏهن ته عمارت جي پوئين پاسي جا فليٽ محفوظ رهيا. ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل فواد سومرو واقعي واري هنڌ تي وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته عرشي منزل گلبرگ سب ڊويزن ۾ اربع جي شام 5 کان ساڍي 5 وڳي تائين مبينا طور تي شارٽ سرڪٽ سبب باھ لڳي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته باھ شروع ۾ گرائونڊ فلور تي واقع ڪمرشل شاپ ۾ لڳي جتي فرنيچر، گدا، عطر ۽ جيوري جي ڪيترن ئي دڪانن کي اوچتو باھ لڳڻ سبب چار ماڙ رهائشي عمارت کي باھ وڪوڙي وڌو. ٻڌايو پيو وڃي ته فائر برگيڊ ۽ ريسڪيو 1122 وقت سر موقعي تي پهچي باھ تي ضابطو آندو. باھ ايڏي وڏي هئي جو باھ وسائڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي انتظاميا، پوليس، رينجرز ۽ فائر فائٽرز ڪامياب ريسڪيو آپريشن ڪيو ۽ رات 10:27 منٽن تي ان جڳھ تان هڪ لاش ڪڍيا ويا جن کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا *** 21

ڪميشن ايندڙ عام چونڊن جي تيارين ۾ مصروف آهي، حتمي چونڊ فهرست جي پرنٽنگ ۽ ورهاست جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. اليڪشن ڪميشن ڪجھ ڏينهن ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن، ريٽرننگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ آفيسرن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪندي. ڪجھ ڏينهن ۾ چونڊ شيڊول به جاري ڪيو ويندو. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنهنجي سمورين آئيني ۽ قانوني ذميوارين کان چڱي ريت آگاھ آهي. اسان شفاف ۽ پرامن چونڊون منعقد ڪرڻ لاءِ تيار ۽ پرعزم آهيون. اليڪشن ڪميشن يقين ڏياري ٿو ته چونڊن جي دوران مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو ته جيئن

اوهان مڪمل رازداري ۽ شفافيت سان پنهنجو ووٽ ڏيڻ جو حق استعمال ڪري سگهو چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته قومي ووٽرز ڊي جي موقعي تي اليڪشن ڪميشن عوام کي اپيل ڪري ٿو ته هو ملڪ ۽ قوم جي روشن مستقبل جي لاءِ پنهنجو ووٽ جو حق استعمال ڪري ۽ اليڪشن ڪميشن سان تعاون ڪيو وڃي، عوام کي ياد رکڻ گهرجي ته اوهان جي هٿن ۾ ووٽ جي طاقت آهي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي مستقبل کي سامهون رکي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪريو چونڊن جي سلسلي ۾ بي بنياد خبرن ۽ افواهن تي يقين نه ڪريو هن عوام کي اپيل ڪئي ته اهي چونڊ عمل ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺن اهو عوام جو حق ۽ قومي فرض آهي. اليڪشن ڪميشن هن وقت ايندڙ عام چونڊن جي تيارين ۾ مصروف آهي. ڪجھ ڏينهن ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن، ريٽرننگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ آفيسرن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو ۽ ان سان گڏ ئي ڪجھ ڏينهن ۾ چونڊ شيڊول ڏنو ويندو جنهن کان پوءِ چونڊون 8 فيبروري 2024 تي ٿينديون.

بقايا *** 22

جي آڏو 9 سالن کان گم ٿيل پٽ جي بازياب نه ٿيڻ تي بزرگ شهري رهيل چيئر تي عدالت پهچي ويو والد [illegible] چيو ته موسيٰ بن سجاد 9 سالن کان گم آهي. پٽ کي نٿا ڇڏي سگهو ته سموري گهر کي ڦاهي تي لٽڪائي ڇڏيو. اسان جي گهر پٽ جي رهڻ کان پوءِ قيامت جو منظر آهي. 24 ڪلاڪن ۾ هڪ ڀيرو به کاڌو کائڻ لاءِ نٿو ملي گهر ڀاتين چيو آهي ته عدالت ۾ وڌيڪ نه ڳالهائجو ته توهين عدالت ٿي ويندي. مان نه جوان پٽ ڏيو ته مون کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو 2 وقتن جي ماني نه ملندي. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ريمارڪس ڏنا ته اسان کي اوهان سان همدردي آهي گم ٿي ويل ماڻهن جي بازيابي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. جاچ آفيسر ٻڌايو ته درخواستگذار جو پٽ جهادي تنظيم حرڪت المجاهدين سان رابطي ۾ هو پشاور مان رپورٽ اچي چڪي آهي. ڪنهن به اداري وٽ گرفتار نه آهي. بزرگ شهري چيو ته ملڪ جي قانون ۾ جهاد ڪرڻ ڏوھ آهي ته اسان کي سزا ڏئي ڇڏيو جاچ آفيسر ٻڌايو ته جي آءِ ٽي ۾ موسيٰ بن سجاد جي جبري گمشدگي ثابت ٿي چڪي آهي. جنهن کان پوءِ عدالت سنڌ جي گهرو وزارت کي گم ٿي ويل شهرين جي گهر ڀاتين کي معاوضو ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪري ڇڏي ۽ گم ٿيل شهرين جي بازيابي بابت گهرو وزارت ۽ دفاع کان 22 جنوري تائين رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا *** 23

ڳالهائيندي خالد مقبول صديقي چيو ته بلڊنگ ڪوڊ ۽ قانون تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنگل ۾ به قانون هوندو آهي. هتي قانون رڳو پئسو بڻجي ويو آهي. هن چيو ته هن شهر ۾ ڪيترن ئي نوجوانن کي ماورائي عدالت قتل ڪيو ويو آهي. 15 سالن کان هن شهر تي قبضا ڪندڙ نه آفيسرن جو قبضو آهي، ائين نه ٿئي ته هن شهر کي آئين ۽ قانون جي بالادستي پنهنجي مرضي سان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته ڪراچي جي شهرين کي خبر هئڻ گهرجي ته هو ڪنهن جي گجيءَ ۾ ڪن ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته سنڌ جو وڏو وزير اچي ٻڌائي ته هو انصاف ڪيئن آڻيندو. هن وٽ ڪيترا اختيار آهن.

بقايا *** 24

اير حڪومت جي دور ۾ گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 منصوبي جي منظوري وارو معاملو لاڳاپيل فورم يعني سي سي آءِ ڏانهن اماڻڻ واري فيصلي کي به نظرانداز ڪري ڇڏيو گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري نيشنل اڪنامڪس ڪائونسل ايڪنڪ جي اجلاس مان ورتي وئي جو فيصلو ڪيو ويو آهيپڻ رهي ته پي ڊي ايم جي حڪومت دوران سنڌ حڪومت جي اعتراض کان پوءِ گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منصوبي کي لاڳاپيل فورم يعني سي سي آءِ کي اماڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. پنجاب حڪومت پاران گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 منصوبي تحت چوبارا برانچ ڪئنال تعمير ڪرڻ جو منصوبو رٿيو ويو آهي. جيڪوليه، ڀڪر، خوشاب ضلعن ڏانهن گذرندو. ان منصوبي تي ڪل لاڳت 38 ارب 37 ڪروڙ 22 لک رپيا آهي

بقايا *** 25

جاري آهي جتي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ پئي ٿي. ايس ايس پي ٻڌايو ته شاھ

ڪوڻُ قَرِيبَنَ جو، عَينَ تَڙُ آهِ:
اِيَ اُلٽي ڳالهڙِي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ:
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، چِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُن جو.

ثقافتي ڏهاڙو ۽ تنگ نظر رويا

سالار لطيف

ڊسمبر جهڙي ٿڌي مهيني جي هڪ نه اساهيندڙ ڳالھ اها آهي ته اهو جڏهن به ايندو آهي ته سنڌ لاءِ ٻڌي ۽ ايڪي جو ساناهو بڻجي حرارت کڻي ايندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ثقافتي ڏهاڙي تي سنڌ سياسي متڀيد کان مٿانهين بڻجي هڪ ٿي ويندي آهي ۽ سموري سنڌ توڙي عالم ۾ وسندڙ سنڌي قوم جو هر هڪ فرد پنهنجي قديم ثقافت جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي ويندو آهي. هن ڏينهن لاءِ استعمال ٿيندڙ "قومي عيد" جو اصطلاح مونکي ان ڏهاڙي جي روح سان نهايت ئي ٺهڪندڙ محسوس ٿيندو آهي. حقيقي عيد جي ڏهاڙن تي به جيتوڻيڪ ماڻهو پنهنجن مٽن، مائٽن، عزيزن، دوستن ۽ احبابن سان رسمي طور به ڀاڪر پائي مبارڪون ڏين ٿا پر ثقافتي عيد واري ڏهاڙي جو روشن پاسو اهو آهي ته سنڌي قوم سنڌي ٽوپي، اجرڪ، پٽڪو پهري سموري دنيا ۾ جهڙي ريت پنهنجي ثقافت جو نماءُ ڪري ٿي، اهو سچ ته هڪ زنده قوم جي علامت آهي جنهن ۾ ٻڌي ۽ ايڪي جو بهترين مثال سامهون اچي ٿو چاڪاڻ ته اهو هڪ زنده قوم جي فردن جو ئي ولولو آهي. جيڪي هر ايندڙ سال نت نئين انداز سان پنهنجي ثقافت جو نماءُ ڪري نه رڳو پاڻ اهو ڏينهن ملهائين ٿا پر دنيا جون ٻيون قومون پڻ سنڌي قوم کي ثقافتي ڏهاڙي جون مبارڪون ڏينديون رهن ٿيون. هن ڀيري ثقافتي ڏهاڙي دوران ڪراچيءَ اندر آرٽس ڪائونسل ۾ بين الاقوامي اردو ڪانفرنس جو آخري ڏينهن هو جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن منجهان مقرر ۽ مهمان آيل هئا. ثقافتي ڏهاڙي تي منهنجو اهو ڏينهن ان ڪانفرنس ۾ گذريو جنهن ۾ مون سميت ڪيترائي ماڻهو سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ۾ نظر آيا. جن ۾ ڪجھ پرڏيهي پڻ موجود هئا. جڳ مشهور صحافي سليم صافي افغان جنگ متعلق سندس پڌري ٿيندڙ ڪتاب "ڌرتي وار" جي مهورت تقريب ۾ پاڪستان اندر افغان پناهگيرن متان ڳالهائڻ کان پهريان سنڌي قوم کي ثقافتي ڏهاڙي جون مبارڪون پڻ ڏنيون. اهڙي طرح جيڪڏهن سال جي ڪنهن هڪ ڏينهن تي ٽڙيڪو ٽيل سنڌي قوم پنهنجي ثقافت جي ٿالهي ۾ هڪ ٿئي ٿي ته منهنجي خيال ۾ ان متان بيجا ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ بدران اسان کي خوش ٿيڻ گهرجي ۽ ان ٻڌيءَ ۾ هڙان وڙان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

مون محسوس ڪيو آهي ته ثقافتي ڏهاڙي دوران سنڌ اندر سماجي ميڊيا تي هٽ وٺي ڪجھ اهڙا منفي بحث ڇيڙيا وڃن ٿا. جن ۾ اَسڌي ۽ گهٽي پاڳي سڌي طرح سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي ملهائڻ واري جذبي کي مختلف پاسن کان تنقيد جي ور چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. منهنجي نظر ۾ پنهنجي ذاتي نظرين ۽ سياسي وابستگين کان پريرو ٿي گهڙي ڪن لاءِ اسان کي سنڌي قوم جي ان عمل ۾ غيرجانبدار بڻجي حصو وٺڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سنڌي قوم پاران ان سڏ کي اهڙي "ميڪرو" سطح تي ورتائڻ مان مراد بنيادي طور سنڌين جو پنهنجي قوم جي تشخص کي ثابت ڪرڻ آهي. جيڪو هر طرح جي سياسي نظرين کان گهڻو مٿانهون آهي. جيتوڻيڪ هن ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ سنڌي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا اڳڀرائي ڪرڻ لاءِ مهڙ وارين صفن ۾ شامل آهي پر ان هوندي به هينئر سياسي جماعتن پاران سنڌ جي ثقافتي ڏينهن کي ملهائڻ سان گڏوگڏ سرڪاري سطح تي پڻ تقريبون ٿينديون رهن ٿيون ۽ عالمي سطح تي سنڌ جي ثقافت کي هٿي ملي ٿي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ان ريفرنڊم کي ڪنهن به صورت ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي ڪريڊٽ طور تصور ڪرڻ ممڪنات جي سرحدن کان ٻاهر آهي. جهڙي ريت ڪا به هڪ سياسي جماعت ان ڏينهن جو ڪريڊٽ کڻڻ قابل ناهي ۽ نه ٿي ٿي سگهي ٿي. بلڪل اهڙي ئي ريت اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته هڪ قومپرست سياسي جماعت جنهن جو قيادت جي بحران ڪارڻ سنڌ اندر عملي وجود نه هجڻ برابر وڃي رهيو آهي. ان جي جهنڊي کي ان ڏينهن تي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي تشخص جي اظهار خاطر کڻي هلن ٿا ۽ مختلف جماعتن جا ماڻهو ان جهنڊي سان هڪ جذباتي لڳاءُ جو اظهار ڪندي ڀرپور انداز ۾ ان کي بلند ڪندا رهن ٿا. مون کي پڪ آهي ته انهن ڪروڙين نوجوانن منجهان ورلي ئي ڪي اهڙا نوجوان هوندا، جيڪي ان جهنڊي سان نظرياتي طور سلهاڙيل هوندا پر ان هوندي به اهي ان کي پنهنجي قومي سڃاڻپ طور هڪ علامت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻين ٿا، جنهن ۾ ڪا به برائي نه هجڻ گهرجي.

اهو به ڏٺو ويو آهي ته سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي تي عورت جي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي پڻ سماجي ميڊيا تي مختلف انداز سان تنگ نظر موقف سامهون اچن ٿا ۽ ان عمل جي ننڊا ڪئي وڃي ٿي. حيرت جهڙي ڳالھ ته اها آهي ته ان عمل ۾ سنڌ جي روشن خيال ڌرين سان واسطو رکندڙ به ڪيترائي فرد سامهون اچن ٿا. جيڪي ثقافتي ڏهاڙي ۾ عورت جي تحرڪ متان سوال اٿارين ٿا. قومن جي ترقي ۾ عورت جي برابري ۽ ان جي عملي ڪردار جو تمام وڏو عمل دخل هوندو آهي ۽ سنڌ جي عورت کي جڏهن مختلف شعبن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا ملڻ لڳا آهن ته ان پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. 21هين صديءَ ۾ مدي خارج روايتن کي پٺي ڏيندي جڏهن اسان کي اهڙين اڳڀرائين کي ساراهڻ جي گهرج آهي ته ان دوران اسان عورت جي اهڙي سرگرم ڪردار کان نابري واري ڇا عورت جي طاقت کان خائف هجڻ جو ثبوت نه ٿا ڏيون؟ سنڌ اندر سياسي، سماجي توڙي پيشيور محاذن تي عورت کي برابريءَ ڏيڻ جون ٻٽاڪون هڻندڙ سنڌ دوست ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ ثقافتي ڏهاڙي تي سنڌ جي عورت جي ڪردار جي واکاڻ ڪرڻ گهرجي ته جيئن انتهاپسند ۽ تنگ نظريءَ وارن نظرين تي اهڙن عملي ڪردارن وسيلي گڏيل طور ضرب لڳائي سگهجي. چو ته سنڌ جنهن ثقافت جي اظهار لاءِ سموري دنيا ۾ گڏ ٿئي ٿي اها پنهنجي وجود ۾ سيڪيولرزم جو اهڃاڻ آهي پر وقت جي وهڪري سان گڏ اها ڪجھ انتهاپسند نظرين جي مدي خارج خيالن جي ڌڙ هيٺان دٻجي وئي آهي. جنهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ترار ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي تي سنڌ جو گڏ ٿيڻ سچ ته هڪ حوصلو آهي. جنهن کي موسيقي، رقص، محبتن ۽ پنهنجائپ سان ان ڪري به ملهائڻ گهرجي ته جيئن ٻڌي ۽ ايڪي جو اهو ڏهاڙو انتهاپسندي، تنگ نظري، رجعت پسندي ۽ نفرتن کي پنهنجي خلاف هڪ سگهارو احتجاج محسوس ٿيڻ لڳي. ان کان وڌيڪ سنڌ جي قومي تشخص جي فتح ڪا ٿي ئي نه ٿي سگهي.

ٻيلي جي ڪچي ۾ ڪارروائي دوران جوابدارن پوليس تي راڪيٽ فائر ڪيا جنهن تي پوليس طرفان به جوابي فائرنگ ڪئي وئي جنهن کان پوءِ جوابدار ڪچي واري علائقي طرف فرار ٿي ويا. ايس ايس پي موجب صحافي جان محمد مهر جي قاتل شيرو مهر جي گرفتاري لاءِ 50 لک روپيه انعام رکڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي جنهن جي لاءِ آءِ جي سنڌ کي به خط لکيو ويو آهي. ياد رهي ته هلندڙ سال آگسٽ ۾ صحافي جان محمد مهر تي آفيس کان گهر ويندي ڪرائنس روڊ تي قاتلاڻو حملو ڪيو ويو جنهن ۾ شهيد ٿي ويو هو.

بقايا *** 26

ويو آهي ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدار متاثر عورت جون تصويرون ۽ وڊيوز سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ ۾ ملوث مليا آهن جوابدارن اعتراض واري مواد جي آڙ ۾ رقم به گهري ورتي، وفاقي جاچ اداري جي ترجمان جو وڌيڪ چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ايف آءِ اي ترجمان جو اهو به چوڻ آهي ته جوابدارن وٽان موبائل فون ۽ قابل اعتراض مواد هٿ ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 27

جوابدارن کي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان گرفتار ڪيو ويو آهي. هن چيو ته جوابدارن احتجاج دوران پريس ڪلب آڏو رياست خلاف نعرا هنيا. اڪثر جوابدار سهراب گوٺ مان گرفتار ڪيا ويا. اسد رضا جو چوڻ آهي ته وڌيڪ جوابدارن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي، جوابدارن خلاف آرٽلري ميدان ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڊي آءِ جي ڏکڻ جو اهو به چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 28

آهي، ريسڪيو ذريعن موجب فوتي جو دم ٻوسجي وڃڻ سبب ٿيو. لاش شاپنگ مال جي پهرين منزل تان مليو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) متاثر عمارت کي سيل ڪري ڇڏيو آهي، عمارت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ پوليس فورس پڻ مقرر ڪئي وئي آهي، ان حوالي سان ايس بي سي اي جو چوڻ آهي ته ارشي سينٽر جي عمارت کي سيل ڪيو ويو آهي، انسپيڪشن ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويندو ته عمارت استعمال لاءِ مناسب آهي يا نه. ايس بي سي اي جي ترجمان چيو ته ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل جي هدايتن تي شاپنگ سينٽر جي عمارت کي سيل ڪيو ويو آهي، سيل ڪرڻ جو مقصد ڪنهن کي داخل ٿيڻ کان روڪڻ آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته ڪولنگ عمل ڪانپوءِ ايس بي سي اي جي ڪميٽي عمارت جو معائنو ڪندي، ڪميٽي عمارت جو معائنو ڪري رپورٽ پيش ڪندي. متاثر عمارت ۾ 250 کان وڌيڪ دڪان ۽ لڳ ڀڳ 450 رهائشي فليٽ آهن. ريسڪيو 1122 باھ کي ٽين ڊگري قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 29

چيو ته ٽرانزيڪشن جي درخواست تي اڃا تائين عمل ناهي ٿي رهيو، هڪ يوسي کي 5 لک جو فنڊ ڏنو وڃي ٿو جيڪو ٻڪ هارن ۾ وڃي ٿو. هن چيو ته پيپلز پارٽي حلقن ۾ هلي رهي آهي، نگران کان اميدون هيون پر هنن ڪجهه ناهي ڪيو فنڊن جي منتقلي تي ڪنهن به اداري طرفان ڪم ناهي ڪيو پيو وڃي. جماعت اسلامي جي امير چيو ته ڪراچي کي مسلسل ظلم جو نشانو بڻايو پيو وڃي. ڪائونسل اجلاس ۾ بجيٽ پيش ناهي ڪئي وئي، بحث باوجود اجلاس ۾ بجيٽ نه رکي وئي. ان جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا. هن چيو ته اسان جو اتحاد عوام سان آهي نه ڪنهن سياسي پارٽي سان. 35 سالن کان فائر برگيڊ ايم ڪيو ايم ۽ پ پ سان آهي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته ايم ڪيو ايم جو واهن جي بيٺي آهي. ڪنهن کي خريد ڪرڻ گهرجي، اليڪشن کان ٻه مهينا اڳ هڪ ٻئي کي گاريون ڏئي رهيا هئا، هن اهو سوال به پڇيو ته پارٽين جي گورنر جي موجودگي ۾ شفاف چونڊون ٿي سگهن ٿيون؟

بقايا *** 30

ٻهرين نمبر تي آهي. 23 مان 17 دهشتگرد تنظيمون صرف پاڪستان کي نشانو بڻائينديون آهن جڏهن ته اهي تنظيمون آمريڪا ۽ چين سميت 53 ملڪن ۾ به دهشتگردي ڪنديون آهن سڪيورٽي ذريعن ٻڌايو آهي ته افغانستان مان پاڪستان ۾ دهشتگردي پکيڙيندڙ

تنظيمن ۾ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي، جماعت الاحرار ۽ بلوچ دهشتگرد تنظيمون پهرين نمبر تي آهن. سڪيورٽي ذريعن موجب افغانستان مان ئي جندالله ايران ۾، داعش يورپ ۽ آمريڪا ۾ جڏهن ته حزب التحرير ۽ جماعت الاحرار پاڪستان ۾ دهشتگردي پکيڙينديون آهن. سڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته تحريڪ اسلامي ترڪمانستان چين، آءِ ايم يو ازبڪستان کي نشانو بڻائينديون آهن. داعش يورپ، آمريڪا ۽ حزب التحرير دهشتگردي پکيڙينديون آهن جڏهن ته افغانستان مان جندالله ايران ۾ ۽ افغانستان مان جماعت الاحرار پاڪستان ۾ دهشتگردي پکيڙينديون آهن سڪيورٽي ذريعن ٻڌايو آهي ته پاڪستان ۾ گذريل سال دهشتگردي جي وڌندڙ لهر ۾ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي ۽ افغان حمايت جو مک ڪردار رهيو افغانستان خطي ۾ دهشتگرد تنظيمن جي باقاعده مالي مدد ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب آپريشن ضرب عضب ۽ ردالفساد سان ٽي ٽي پي تقريبن ختم ٿي وئي هئي پر افغان طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ تي ٽي ٽي پي ٻيهر متحرڪ ٿي وئي آهي.

بقايا *** 31

استعمال مالي ڪرپشن کان به وڏي ڪرپشن آهي. هن وڌيڪ چيو ته معاشي عدم استحڪام سبب قومون خراب ٿينديون آهن ڊاڪٽر قبله اياز به چيو آهي ته ماپ ۾ گهٽتائي قوم جي زوال جو سبب بڻي.

بقايا *** 32

ڪميشن ايندڙ عام چونڊن جي تيارين ۾ مصروف آهي، حتمي چونڊ فهرست جي پرنٽنگ ۽ ورهاست جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. اليڪشن ڪميشن ڪجھ ڏينهن ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن، ريٽرننگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ آفيسرن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪندي. ڪجھ ڏينهن ۾ چونڊ شيڊول به جاري ڪيو ويندو هن چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنهنجي سمورين آئيني ۽ قانوني ذميوارين کان چڱي ريت آگاھ آهي. اسان شفاف ۽ پرامن چونڊون منعقد ڪرڻ لاءِ تيار ۽ پرعزم آهيون. اليڪشن ڪميشن يقين ڏياري ٿو ته چونڊن جي دوران مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو ته جيئن اوهان مڪمل رازداري ۽ شفافيت سان پنهنجو ووٽ ڏيڻ جو حق استعمال ڪري سگهو چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته قومي ووٽرز ڊي جي موقعي تي اليڪشن ڪميشن عوام کي اپيل ڪري ٿو ته هو ملڪ ۽ قوم جي روشن مستقبل جي لاءِ پنهنجو ووٽ جو حق استعمال ڪري ۽ اليڪشن ڪميشن سان تعاون ڪيو وڃي، عوام کي ياد رکڻ گهرجي ته اوهان جي هٿن ۾ ووٽ جي طاقت آهي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي مستقبل کي سامهون رکي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪريو چونڊن جي سلسلي ۾ بي بنياد خبرن ۽ افواهن تي يقين نه ڪريو هن عوام کي اپيل ڪئي ته اهي چونڊ عمل ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺن اهو عوام جو حق ۽ قومي فرض آهي. اليڪشن ڪميشن هن وقت ايندڙ عام چونڊن جي تيارين ۾ مصروف آهي. ڪجھ ڏينهن ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن، ريٽرننگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ آفيسرن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو ۽ ان سان گڏ ئي ڪجھ ڏينهن ۾ چونڊ شيڊول ڏنو ويندو جنهن کان پوءِ چونڊون 8 فيبروري 2024 تي ٿينديون.

بقايا *** 33

عبدالقدوس بزنجو، سيد نظام الدين، سيد حميد، نصير احمد بزنجو مير عبدالوهاب بزنجو ۽ ٻيا ب پ ۾ شامل ٿي ويا. آصف زرداري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ بلوچستان جي سياسي شخصيتن جو استقبال ڪيو. آصف زرداري سان ملاقات ۾ اهم سياسي شخصيتن جي شرڪت جي موقعي تي علي حسن زهري به موجود هو.

بقايا *** 34

ڳالهائيندي خالد مقبول صديقي چيو ته بلڊنگ ڪوڊ ۽ قانون تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنگل ۾ به قانون هوندو آهي. هتي قانون رڳو پئسو بڻجي ويو آهي. هن چيو ته هن شهر ۾ ڪيترن ئي نوجوانن کي ماورائي عدالت قتل ڪيو ويو آهي. 15 سالن کان هن شهر تي قبضا ڪندڙ نه آفيسرن جو قبضو آهي، ائين نه ٿئي ته هن شهر کي آئين ۽ قانون جي بالادستي پنهنجي مرضي سان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته ڪراچي جي شهرين کي خبر هئڻ گهرجي ته هو ڪنهن جي گجيءَ ۾ ڪن ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته سنڌ جو وڏو وزير اچي ٻڌائي ته هو انصاف ڪيئن آڻيندو. هن وٽ ڪيترا اختيار آهن.

بقايا سنڌيار 01

آهن جنهن ۾ ڪا بہ صداقت نہ آهي مان سينٽر تي موجود آهيان ۽ مريضن کان بہ پڇيو آهي جنهن تي مريضن کان پڇيو تہ انهن ٻڌايو تہ ڪوبہ مسئلو نہ آهي مشينون هلي پيون ۽ ڊاڪٽر اسان جو بلڪل علاج صحيح پيا ڪن. اسان کي ڪا بہ تڪليف نہ آهي. چڙواڪ ۽ بليڪ ميلر هرو پرو سينٽر جي مخالفت ڪري رهيا آهن انهن ماڻهن کان غريبن جو مفت علاج برداشت نٿو ٿئي انڪري ڪوڙيون ۽ من گهڙت خبرون هلائي واويلا ڪري مريضن کي پريشان ڪري رهيا آهن جيڪا مان برداشت نٿو ڪري سگهان. مريضن لاءِ هر وقت خدمت جاري رکبي.

بقايا سنڌيار 02

اگهہ تحت پاڻ وڪرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائين جو سلسلو شروع ڪندي 4 گودامن تي ڇاپا هڻي 2 گودامن کي سيل ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ پاڻ جون 4 سئو بورين مقرر قيمت تحت آبادگارن ۾ وڪرو ڪرائي ڇڏيون. ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جو چوڻ آهي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ يا ذخيره اندوزي کي قبول نہ ڪيو ويندو. خانگڙهہ تعلقي جا ڊيلر مقرر اگهن تحت پاڻ وڪرو ڪن ٻي صورت ۾ متن ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪرڻ جو سلسلو بہ شروع ڪبو گودام سيل ڪرڻ جو مقصد، مقرر اگهن تحت پاڻ وڪرو ڪرائڻ آهي هن وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ موقعي پرستن سبب پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ڪئي ٿي رهي آهي ان باوجود اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي تہ هتان جي حقيقي آبادگارن کي مقرر اگهن تي پاڻ ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 03

عملدارن سيشن ڪورٽ اندرون جو پوٺو پوکي مهم جو آغاز ڪيو. ڊويزنل فاريسٽ آفيسر گل حسن ڀلڪائي جو چوڻ هو تہ ماحولياتي گدلاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ لازم آهي تہ اسان وڌ کان وڌ وڻ پوکيون. هائي ڪورٽ جي حڪم تحت ڪشمور ٻيلي کاتي پاران پهرين مرحلي اندر سيشن ڪورٽ جڏهن تہ بعد ۾ سموري ضلعي اندر وڻ ڪاري مهم جي شروعات ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ سيپڪو خلاف داخل ڪيل 33 درخواستن مان 28 درخواستن تي فيصلا ڪيا ويا. جڏهن تہ 05 درخواست تي تاريخ ڏني وئي. ان کان علاوه سوئي سدرن گئس ڪمپني خلاف داخل ڪيل 72 درخواستن مان 60 درخواستون گئس جي گهٽ پريشر بابت هيون. جڏهن تہ 12 درخواستون ڊڪشن جون هيون. جڏهن تہ 72 درخواستون تي ٿي فيصلو ڏنو ويو ۽ سوئي گئس جي عملدارن کي هدايت ڪئي وئي تہ 15 ڏينهن اندر گئس جي گهٽ پريشر وارو معاملو حل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. وفاقي محتسب سکر ريجن جي انچارج سيد محمود علي شاهہ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي وڌيڪ هدايت ڪئي تہ متاثرن جي شڪايتن جو جلد کان جلد ازالو ڪيو وڃي ۽ ڪنهن سان بہ نا انصافي نہ ڪئي وڃي. هن درخواست گذارن کي يقين ڏياريو تہ سندن شڪايتن تي عمل ڪيو ويندو. ٻي صورت ۾ شڪايتن تي عمل نہ ڪرڻ جو ڪيس وفاقي محتسب ڏانهن موڪليو ويندو ۽ حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندڙ آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. جڏهن تہ سيپڪو پاران سهيل احمد ڪهاوڙ، سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ڊپٽي مئنيجر سعيد ڪوريجو ۽ شڪايتون ڪندڙن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

ڪئي وئي آهي جيڪا فصل پوکيندي مڇي جا فارم لڳائيندي ۽ ٻيا پروجيڪٽ شروع ڪندي سنڌ ۾ لکين ماڻهو بي زمين آهن جن وٽ ايڪڙ بہ زمين جو ناهي ۽ اسان جي زمين ٻين کي مال غنيمت سمجهي ڏني پئي وڃي حيرت جي ڳالهہ هي آهي تہ اها زمين فوج کي ڏيڻ جو فيصلو سنڌ جي نگران سرڪار ڪيو آهي جنهن وٽ سواءِ اليڪشن ڪرائڻ جي ٻيا ڪي بہ پاور ناهن تازي رپورٽ موجب تہ وزير داخلا حارث نواز جي پٽ کي ڪيٽي بندر لڳ 4 هزار ايڪڙ زمين بخشش طور ڏني وئي آهي ۽ اسين سنڌي تمام تہ خراب حالتن مان گذرون پيا هڪ طرف هٿرادو ٻک ڏئي ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون آهن اسان جا وسيلا لٽيا پيا وڃن ڌرتي جا وارث هڪ ويلوماتي تنا ڪائي سگهن اسان جي عوام کان زبردستي آگرنا هٿائي هڪ دفعو وري اسٽيبلشمنٽ پنهجي وفادار زرداري کي ايندڙ سنڌ حڪومت جو تحفو پيش ڪندي جيڪو اسان جي وڏڙن جون قبرون بہ وڪڻي ڇڏيندو. ڪراچي جامشوري ۽ ٺٽي ۾ گذريل ڪجهہ سالن ۾ زمين جي تباهي ٿي آهي سڀ جبل قديمي ماڳ تاريخي ڳوٺ ڏاهي بلڊرن قبضا ڪيا آهن وري هي نئين مصيبت گڏجي ۾ وڏي وئي آهي سرڪار اسان جي پيرن هيٺان ڌرتي ڪسڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جا ماڻهو مزاحمت نہ ڪندا وطن بچائي نہ سگهندا

بقايا سنڌيار 06

۽ ڊرائيز وارن جي ستايل عورتن جون ميڊيا آڏو دانهون ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو. ان سلسلي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت پئسا وٺندڙ مستحق ۽ غريب عورتن مائي سوني پارو، شڪيلا، مسمات سوڍي، خانزادي، فاطمه ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو تہ سکر جي قريشي ڳوٺ لڳ ۾ شر جوڪ وٽ دڪان ۾ ڊرائيز هولڊر مالڪن سميت انهن جا ايجنٽ جيڪي مختلف بهانن سان غريب ۽ ضرورتمند عورتن ۽ مردن کي پنهنجي هٿن سان لٽي ۽ ڦري رهيا آهن. پر انهن کان ڪير بہ پڇڻ وارو ناهي. هنن الزام هڻندي چيو تہ حد جي پوليس بہ رشوت عيوض انهن ڊرائيز مافيا سان هٿ ٺوڪيل آهي. متاثر پيرسن عورتن ۽ مردن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ ايجنٽ مافيا بئنڪ عملي ۽ پوليس سان ملي ڀڳت ڪري في ڪارڊ تي مستحق عورت کان 5 سون کان هڪ هزار رپيا رشوت وصول ڪري رهيا آهن. جيڪي رشوت وارا پئسا نہ ڏين تي ڊرائيز مشين خراب هجڻ يا سسٽم خراب هجڻ جا بهانا ڪري ڪين کي سڄو ڏينهن انتظار ڪرڻ ۽ دڪان ٻاهران روڊ جي پاسي ۾ ويهڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن جڏهن تہ روزانو شام جو خالي هٿين واپس گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ لاءِ چيو ويندو آهي. جنهن ڪري روزانو چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهيون. پر اهڙيون شڪايتون اختيارين آڏو ڪرڻ باوجود سندن ڪوبہ تدارڪ نٿو ڪيو وڃي. جنهن ڪري سخت پريشان آهيون. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي ۾ ڊرائيز هولڊر مافيا ۽ زميوارن خلاف قدم کڻي انڪم سپورٽ وارن پئسن سان ڪٽوتي بند ڪرڻ سميت پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

دوران مينهن، ڳئون، ٻڪرين سميت 25 کان وڌيڪ ڍور چوري ڪري ويا آهن. جن ۾ منور ترڪ، سومار حمائتي، ٻيرو حمائتي، حاجي هيلايو، جمعون موچي، فاضل ٻالاري، لطيف ماڇي، غلام محمد آتو ۽ ٻين جا جانور شامل آهن. پر حد جي پوليس وٽ چورن جي نشاندهي ڪرڻ باوجود پوليس انهن خلاف ڪا بہ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو تہ فورن چورن خلاف ڪارروائي ڪري چوري ٿيل چوپايو مال پاڳئين کي واپس ڪرائي پاڳئين کي وڌيڪ نقصان ۽ پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 08

رستي جي معاملي تان تڪرار ٿي پيو هو. اسان جي مخالف ڌر جي ونگار واهندي پوليس اهلڪار خير محمد چاچڙ ۽ 3 نا معلوم پوليس اهلڪار اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي گهر جا تالا ٽوڙي هڪ لک روڪ ۽ ٻڪريون ۽ هڪ ٻڪر ڪاهي ويا آهن. اسان جو برادري ۾ ناهہ ٿي ويو آهي جڏهن تہ پوليس اهلڪار خير محمد چاچڙ اسان جون ٻڪريون ۽ روڪ رقم واپس ناهي ڪئي اسين اهڙي درخواست ايس ايس پي کي ڏني آهي جن جو اڃان تائين تدارڪ ناهي ٿيو. ڳوٺاڻن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعلي عملدارن کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ باثر پوليس اهلڪار خير محمد چاچڙ خلاف ڪارروائي ڪري پئسا ۽ ٻڪريون واپس ڀرائي ڏنيون وڃن.

بقايا سنڌيار 09

د نظام الدين ڪلاڻي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪري تعليم کي بهتر بنائڻ ۾ پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪندو رهندو ٻئي طرف تعليم کاتي ٺٽي ۾ نئين مقرر ٿيل ڊي او پرائمري نظام الدين ڪلاڻي چارج وٺي ضلعي جي مختلف اسڪولن تاج محمد عباسي ۽ ٻين اسڪول جو دورو ڪري اسڪولي شاگردن کان سوالن جوابن جو سلسلو جاري رکندي چيو تہ ضلعي ٺٽي جي سمورن اسڪولن ۾ علم ۽ شعور جا ڏيئا ٻاري ضلعي ٺٽي کي اعلي ۽ جديد تعليم جو مرڪز بنايو ويندو. ان موقعي تي تاج عباسي، عرفان، جاويد ڪوريائي، رام، رشيد سومرو، صادق، مس صنم، مس لاجونتي، مس حمير بلوچ، مس شميم سرائي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 10

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 27 ڊسمبر تي ٿيندڙ ورسي ۾ سوين پ پ جيالن سان گڏ سندس مزار ڳڙهي خدابخش تي حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهينداسين شهيد راڻي جي ورسي واري موقعي تي پاڪستان سميت دنيا کان سندس عقيدت مند حاضري ڀرڻ تا اچڙو اظهار هن ليبر ڪالوني سکر پ پ آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سيد زاهد شاهہ بخاري وڌيڪ چيو تہ ڳڙهي خدابخش اسان جو سياسي قبلو آهي جتي پيپلز پارٽي قيادت سميت ڪارڪن شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري سياسي فيض حاصل ڪن ٿا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو خاندان پاڪستان ۽ عوام لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون آهن ان جو ماضي ۾ مثال نہ ٿو ملي شهيد محترمہ غريب عورتن ۽ مردن لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو سندس نالي سان منسوب پروگرام هن وقت بہ غريب عورتن جي ڪفالت جو ذريعو بڻيل آهي زاهد شاهہ بخاري چيو تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 2024 ۾ انشاءَ الله ملڪ جو نئون وزير اعظم هوندو مخالف چاهي ڪيترو بہ زور لڳائين پر ملڪ جي حڪمران پيپلز پارٽي ٿي هوندي زاهد شاهہ بخاري جو وڌيڪ چوڻ هو تہ سکر چاهي ڪيتري بہ ترقي ڪري پر مخالف صرف رڙيون ٿي ڪندا رهن ٿا هن وقت سکر جا سمورا روڊ تعمير ٿي رهيا آهن جڏهن تہ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي خصوصي دلچسپي سبب سکر شهر ترقي ڪري پيو ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويو آهي پ پ مخالفن جو عام چونڊن ۾ سکر جو عوام ضمانتون رد ڪندو پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينيئر مرڪزي اڳواڻ اسلام دين شيخ اڳوڻو پ پ ايم اين اي هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊجي سکر جي عوام جي خدمت ڪندا جيئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي جيئي آصف علي زرداري جيئي بلاول ڀٽو ۽ جيئي اسلام دين شيخ جا نعرا هڻندو سکر عوام ڪين وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرائيندو

بقايا سنڌيار 11

